القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ ودعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ

چيائين پوءِ ڪهڙو آهي ڪم توهانجو اي قاصدؤ؟ چيائون تہ اسان موڪليا ويا آهيون ڏوهاري

(ابراهيم) چيو تہ، اي قاصدوٴ! اوهان جو ڪهڙو غرض آهي؟ چيائون تہ، بيشڪ اسين هڪڙي ڏوهاري قوم

مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ

قوم ڏانهن، تہ وسايون انهن تي پٿر مٽيءَ جا، نشان ڪيل تنهنجي

ڏانهن موڪليا ويا آهيون. تہ مٿن مٽيءَ جا ڳوڙها وسايون. جي حد کان لنگهندڙن لاءِ تنهنجي

رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾ فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٥﴾

رب وٽ حد کان لنگهندڙن لاءِ. پوءِ ٻاهر ڪڍياسون جيڪي هئا اتي ايمان وارا.

پالڻهار وٽ نشان ڪيل آهن. پوءِ مؤمنن مان جيڪو اتي هو تنهن کي ٻاهر ڪڍيوسون.

فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً

پوءِ نہ لڌوسون ان ۾ سواءِ هڪ گهر مسلمانن جي. ۽ ڇڏي اسان اتي نشاني

پوءِ اُتي مسلمانن جي هڪ گهر کان سواءِ (ٻيو ڪو گهر) نہ ڏٺوسون. ۽ جيڪي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڊڄندا آهن.

لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٣٧﴾ وَفِيْ مُوْسٰٓى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى

انهن لاءِ جيڪي ڊڄن ٿا عذاب ڏکوئيندڙ کان. ۽ پڻ موسيٰ ۾ جڏهن موڪليوسون ان کي

تن لاءِ اُتي (عبرت لاءِ) نشاني ڇڏي سون. ۽ موسيٰ (جي قصي) ۾ (بہ عبرت آهي) جڏهن کيس پڌري دليل سان

فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَقَالَ سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٣٩﴾

فرعون ڏانهن دليل چٽي سان. پوءِ منهن موڙيائين لشڪر سميت ۽ چيائين جادوگر يا چريو آهي.

فرعون ڏانهن موڪليوسون. پوءِ هن پنهنجي لشڪر سميت مُنهن موڙيو، چيائين تہ (هيءُ) جادوگر يا چريو آهي.

فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿٤٠﴾ وَفِيْ عَادٍ اِذْ

پوءِ ورتوسون ان کي ۽ سندس لشڪر کي پوءِ اڇلايوسون انهن کي سمنڊ ۾ ۽ اهو هئو ملامت وارو. ۽ قوم عاد ۾ بہ جڏهن

تنهن ڪري ان کي ۽ سندس لشڪر کي پڪڙيوسون، پوءِ انهن کي ملامت وارو ڪري سمنڊ ۾ اڇليوسون. ۽ عاد جي (قصي)

اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ ﴿٤١﴾ مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ اَتَتْ عَلَيْهِ

موڪلي سون انهن تي هوا بي برڪت. نہ ڇڏي پئي ڪا شيءِ گهلي جنهن تي

۾ (بہ عبرت آهي) جڏهن اهڙو بي برڪت واءُ موڪليوسون. جو جنهن شيءِ تي اچي پهچي تنهن کي ڳريل هڏي

اِلَّا جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيْمِ ﴿٤٢﴾ وَفِيْ ثَمُوْدَ اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٤٣﴾

مگر ڪيائينس جهڙي ڳريل هڏي. ۽ قوم ثمود ۾ بہ جڏهن چيو ويو. انهن کي مزا ماڻيو ڪجھ وقت تائين.

وانگر ڪرڻ کان سواءِ نہ ڇڏي. ۽ ثمود (جي قصي) ۾ (بہ عبرت آهي) جڏهن کين چيو ويو تہ، (اوهين) هڪ مدت تائين مزا ماڻيو.

فَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَمَا

پوءِ آڪڙ ڪيائون پنهنجي پالڻھار جي حڪم کان پوءِ ورتو انھن کي وڄ ڪڙڪاءَ واري ۽ اھي ڏسندا رھيا. پوءِ نہ

پوءِ پنھنجي پالڻھار جو حڪم (مڃڻ) کان ھٽ ڪيائون، تنھن ڪري سندن ڏسندي ڪين (ھڪ) سخت ڪڙڪي ورتو.

اسْتَطَاعُوْا مِنْ قِيَامٍ وَّمَا كَانُوْا مُنْتَصِرِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ

طاقت رکيائون اُٿڻ جي ۽ نڪي ھئا بدلو وٺندڙ. ۽ قوم نوح جي بہ انھن کان

پوءِ نڪي اُٿي سگھيا ۽ نڪي وير وٺڻ وارا ھئا. ۽ (ھن کان) اڳ نوح جي قوم (کي ھلاڪ ڪيوسون)

قَبْلُ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَالسَّمَاۗءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْىدٍ وَّاِنَّا

اڳي، بيشڪ اھي ھئا ماڻھو نافرمان. ۽ آسمان کي اسان بڻايو آھي طاقت سان ۽ بيشڪ اسين

ڇو جو اھي بدڪار ماڻھو ھئا. آسمان کي (پنھنجيءَ) قوت سان بڻايوسون ۽ بيشڪ اسين سگھارا آھيون.

لَمُوْسِعُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَالْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمٰهِدُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَمِنْ كُلِّ شَيْءٍ

سگھہ رکندڙ آھيون. ۽ زمين کي وڇايوسون پوءِ واھ جو اسان پکيڙيندڙ آھيون. ۽ ھر شيءِ

۽ زمين کي پکيڙيوسون جو چڱا پکيڙيندڙ آھيون. ۽ سڀڪنھن شيءِ مان جوڙو جوڙو بڻايوسون تہ مَن اوھين

خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ۭ اِنِّىْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ

مان پيدا ڪياسون جوڙا جوڙا تہ مَنَ اوھين ڌيان ڪريو. پوءِ ڀڄو الله ڏانھن بيشڪ آءٌ اوھان کي ان کان ڊيڄاريندڙ

نصيحت وٺو. تنھن ڪري (اي پيغمبر! منھنجن ٻانھن کي چئو تہ) الله ڏانھن ڀڄو بيشڪ آءٌ سندس طرف کان اوھان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آھيان.

مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾ وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ ۭ اِنِّىْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥١﴾

پڌرو آھيان. ۽ نہ ڪريو الله سان گڏ عبادت جي لائق ٻيو ڪوئي، بيشڪ آءٌ توھان کي ان کان ڊيڄاريندڙ پڌرو آھيان.

۽ الله سان (ٻيو) ڪو معبود نہ ٺھرايو بيشڪ آءٌ سندس پار کان اوھان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آھيان.

كَذٰلِكَ مَآ اَتَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْ

اھڙي طرح نہ آيو انھن کان اڳين ڏانھن ڪو رسول پر چيائون اھو جادوگر آھي يا

اھڙيءَ طرح جيڪي انھن کان اڳ ھئا تن وٽ ڪو بہ پيغمبر نہ آيو، جو ان کي جادوگر يا چريو (سڏڻ) کان سواءِ

مَجْنُوْنٌ ﴿٥٢﴾ اَتَوَاصَوْا بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ

چريو. ڇا انھن ھڪٻئي کي اھا وصيت ڪئي ھئي، نہ پر اھي ماڻھو آھن شرير. پوءِ (اي نبي) تون منھن موڙ انھن کان پوءِ ناھين تون

ٻيو ڪي نہ چيائون. ان (چوڻ) جي ھڪٻئي کي وصيت ڪندا آھن ڇا؟ (نہ!) بلڪ اھي نافرمان قوم آھن. تنھن ڪري (اي پيغمبر!) ڪائن منھن موڙ!

بِمَلُوْمٍ ﴿٥٤﴾ وَّذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٥﴾ وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ

ميار ڏنل. ۽ سمجھائيندو رھہ ڇو تہ سمجھاڻ فائدو ڏئي ٿو ايمان وارن کي. ۽ نہ پيدا ڪيو مون جنن

ھاڻي تون ميار وارو نہ آھين. ۽ سمجھائي ڏيندو رھہ ڇو تہ سمجھاڻ مومنن کي فائدو ڏيندو آھي. ۽ جنن ۽ ماڻھن کي (ھن ڪنھن ڪر لاءِ)

وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾ مَآ اُرِيْدُ مِنْهُمْ مِّنْ رِّزْقٍ وَّمَآ اُرِيْدُ اَنْ

۽ انسانن کي مگر هن لاءِ تہ عبادت ڪن منهنجي. نہ ٿو گهران مان انهن کان ڪو روزينو ۽ نہ ٿو گهران تہ

نہ پيدا ڪيوسون، سواءِ هن جي تہ منهنجي عبادت ڪن. نڪي ڪائنن ڪا روزي ٿو گهران ۽ نڪي گهران ٿو تہ

يُّطْعِمُوْنِ ﴿٥٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ ﴿٥٨﴾ فَاِنَّ

کارائن مون کي. بيشڪ الله اهوئي روزي ڏيندڙ طاقتور ڏاڍو آهي. بيشڪ

مون کي کارائين. بيشڪ! الله ئي روزي ڏيندڙ آهي جو تمام سگهارو زبردست آهي. پوءِ بيشڪ جن ظلم ڪيو

لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِهِمْ فَلَا يَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿٥٩﴾

انهن ڏوهارين جو ڀوڪو ڀريو آهي جهڙو ڀوڪو انهن جي سنگت جو پوءِ نہ تڪڙي گهر ڪن مون کان.

تن لاءِ سندن يارن جي سزا جهڙو عذاب (جو ڀاڱو) آهي پوءِ مون کان جلد (عذاب) نہ گهرن. پوءِ

ع ٢ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ يَّوْمِهِمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٦٠﴾

پوءِ تباهي آهي منڪرن لاءِ سندن ان ڏينهن جنهن جي ڪين ڌمڪي ڏني وئي آهي.

ڪافرن لاءِ سندن ان ڏينهن کان ويل آهي، جنهن جو ڪين ڌڙڪو ڏنو وڃي ٿو!

سُوْرَةُ الطُّوْرِ مَكِّيَّةٌ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اٰيَاتُهَا ٤٩ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالطُّوْرِ ﴿١﴾ وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ﴿٢﴾ فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ﴿٣﴾ وَّالْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ ﴿٤﴾

قسم آهي طور جبل جو، قسم آهي ڪتاب لکيل جو. کليل ورقن ۾، قسم آهي گهر آباد ٿيل جو.

(جبل) طور جو قسم آهي. ۽ لکيل ڪتاب جو (قسم آهي) جو کليل ورقن ۾ (لکيل) آهي. ۽ آباد گهر جو (قسم آهي).

وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ ﴿٥﴾ وَالْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ ﴿٦﴾ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ﴿٧﴾

۽ ڇت مٿي ڪيل جو، قسم آهي سمنڊ اڀاميل جو. تہ بيشڪ عذاب تنهنجي رب جو ٿيڻو آهي.

۽ مٿاهين ڇت جو (قسم آهي). ۽ اڀامندڙ سمنڊ جو (قسم آهي). تہ بيشڪ تنهنجي پالڻهار جو عذاب ضرور ٿيڻو آهي.

مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ﴿٨﴾ يَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا ﴿٩﴾ وَّتَسِيْرُ الْجِبَالُ سَيْرًا ﴿١٠﴾

ناهي ان کي ڪو به هٽائيندڙ. جنهن ڏينهن ٿڙڪندو آسمان زور سان، ۽ هلندا پهاڙ تڪاتي.

ان کي ڪو ٽارڻ وارو ڪونهي. جنهن ڏينهن آسمان موج هڻي چُرندو. ۽ جبل چڱيءَ طرح هلندا.

وقف لازم فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١١﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ خَوْضٍ يَّلْعَبُوْنَ ﴿١٢﴾

پوءِ تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. اهي جيڪي اجائي ڳالهائڻ جي راند ڪندا آهن.

تنهن ڏينهن انهن ڪوڙ ڀائيندڙن لاءِ ويل آهي. جيڪي اجائي ڳالهائڻ ۾ راند ڪندا آهن.

يَوْمَ يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا ﴿١٣﴾ هٰذِهِ النَّارُ الَّتِىْ كُنْتُمْ بِهَا

ان ڏينهن اهي ڌڪيا ويندا دوزخ جي باهه ڏانهن ڌڪا ڏئي. هيءَ باهه اها اٿو جنهن کي توهان

جنهن ڏينهن دوزخ جي باهه ڏانهن ڌڪا ڏيئي روانا ڪبا. (تنهن ڏينهن چئبن ته) هيءَ اها باهه آهي، جنهن کي (اوهين)

تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٤﴾ اَفَسِحْرٌ هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿١٥﴾ اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا

ڪوڙو ڪندا هئا. ڇا پوءِ جادو آهي هيءُ يا اوهين نه ٿا ڏسو. پئوان ۾ پوءِ صبر ڪريو

ڪوڙ پائيندا هيو. هيءُ جادو آهي ڇا يا اوهين نه ٿا ڏسو؟. اُن ۾ گهڙو پوءِ صبر ڪريو يا نه صبر ڪريو.

اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ۚ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ ۖ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾

يا نه صبر ڪريو، برابر آهي توهان تي، رڳو بدلو ڏجيوَ ٿو اهوئي جيڪي توهان عمل ڪندا هئا.

(ته) اوهان تي هڪ جهڙي (ڳالهه) آهي، جيڪي اوهين ڪندا هيو، رڳو تنهن جو بدلو اوهان کي ڏنو ويندو.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِىْ جَنّٰتٍ وَّنَعِيْمٍ ﴿١٧﴾ فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ ۚ وَ

بيشڪ پرهيزگار باغن ۾ ۽ نعمت ۾ هوندا، مزا ماڻيندڙ ان سان جيڪي ڏنو اٿن سندن پروردگار، ۽

بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نعمتن ۾ هوندا. جيڪا (نعمت) کين سندن پالڻهار ڏني تنهن سان خوش هوندا ۽

وَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿١٨﴾ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا كُنْتُمْ

بچايو انهنکي سندن رب عذاب باهه جي کان. کائو ۽ پيئو رڄ ڪري جو توهان چڱا ڪم

(انهيءَ ڪري به خوش هوندا جو) سندن پالڻهار کين دوزخ جي عذاب کان بچايو. (چئبن ته) انهيءَ ڪري جو (چڱا) ڪم ڪندا هيو مزي سان کائو

تَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ ۚ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٢٠﴾

ڪندا هئا. ٽيڪ ڏيندڙ پلنگن قطار وارن تي، ۽ پرڻائينداسون انهنکي حورن وڏين اکين وارين سان.

۽ پيئو. هڪ ٻئي جي برابر وڇايل پلنگن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا ۽ کين وڏين اکين وارين حورن سان پرڻائينداسون.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ

۽ جن ايمان آندو ۽ پٺيان لڳي انهنکي سندن اولاد ايمان سان ملائينداسون انهن سان سندن اولاد

۽ جن ايمان آندو ۽ سندن اولاد ايمان سان سندن پيروي ڪئي، تن سان سندن اولاد کي (جنت ۾) ملائينداسون

وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَىْءٍ ۖ كُلُّ امْرِئٍۭ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ﴿٢١﴾

۽ نه ڪا گهٽائينداسون انهن کان سندن عملن مان ڪا شيءِ، سيڪو ماڻهو پنهنجي ڪئي ۾ ڳهه پيل آهي.

۽ کين سندن عملن مان ڪجهه (ذرو) به نه گهٽائينداسون، هر هڪ ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن ۾ (اهو پاڻ) ڳهه ٿيل آهي.

وَاَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّلَحْمٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢٢﴾ يَتَنَازَعُوْنَ فِيْهَا كَاْسًا

۽ پيا ڏينداسون انهن کي ميوا ۽ گوشت ان مان جيڪي گهرندا، جهٽي وٺندا هڪٻئي کان ان ۾ پيالا

۽ انهن کي ميوو ۽ گوشت جنهن (قسم) مان گهرندا (تنهن مان) پيا ڏينداسون. اُتي شراب جا پيالا هڪ ٻئي کان پيا وٺندا.

لَا لَغْوٌ فِيْهَا وَلَا تَأْثِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ لَّهُمْ كَأَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ
ناهي وڦلڻ اتي ۽ نڪي گناهه. ۽ ايندا ويندا وٽن نوڪر انهن جا جڻڪ اهي موتي آهن
جنهن ۾ نڪي بڪ بڪ ۽ نڪو گناهه ۾ پوڻ هوندو. ۽ وٽن اهڙا نينگر سندن آسپاس (خدمت لاءِ) پيا ايندا ويندا جو جڻڪ آهي

مَّكْنُوْنٌ ﴿٢٤﴾ وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا
ڍڪيل. ۽ سامهون ايندا هڪڙا ٻين تي پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا لاءِ. چوندا ته بيشڪ اسين
ڍڪيل موتي آهن. ۽ انهن مان هڪڙا ٻين ڏانهن پاڻ ۾ پڇا ڪرڻ لاءِ منهن ڪندا. چوندا ته بيشڪ اسين

قَبْلُ فِيْٓ اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَوَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾
هن کان اڳ پنهنجي گهرن ۾ ڊڄندڙ هئاسون. پوءِ تورو ڪيو الله اسان تي ۽ بچايائين اسان کي تڪليف لُڪ جي کان.
هن کان اڳ پنهنجن گهروارن ۾ ڊڄندڙ هئاسون. پوءِ الله اسان تي (وڏو) احسان ڪيو ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچايائين.

اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ نَدْعُوْهُ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِيْمُ ﴿٢٨﴾ ع فَذَكِّرْ فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ ع ٤٨/٢
بيشڪ اسان هن کان اڳ کيس پڪاريندا هئاسون. برابر اهوئي ڀلائي ڪندڙ ٻاجهارو آهي. پوءِ نصيحت ڪر جو تون پنهنجي رب جي
بيشڪ اسين هن کان اڳ کيس سڏيندا هئاسون. بيشڪ اهوئي احسان ڪندڙ مهربان آهي. پوءِ (اي پيغمبر! ڪين) نصيحت ڪر! جو تون پنهنجي پالڻهار

رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّلَا مَجْنُوْنٍ ﴿٢٩﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَيْبَ
فضل سان نه ڀوپو آهين ۽ نڪي چريو. يا چون ٿا ته هي شاعر آهي انتظار ٿا ڪريون ته گردش
جي فضل سان نه ڪي ڀوپو ۽ نه ڪي چريو آهين. بلڪ (تولاءِ) چوندا آهن ڇا ته شاعر آهي؟ (۽ اسين) سندن حق ۾ زماني جي ڦيرگهير اچڻ جا منتظر آهيون.

الْمَنُوْنِ ﴿٣٠﴾ قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ ﴿٣١﴾ ۭ اَمْ تَاْمُرُهُمْ
زماني جو. چؤ انتظار ڪندا رهو پوءِ آءٌ به توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان. يا چون ٿا انهن کي
(انهن ڪافرن کي) چئو ته اوهين به انتظار ڪريو جو بيشڪ آءٌ به اوهان ساڻ انتظار ڪندڙ آهيان. ڪين سندن عقل

اَحْلَامُهُمْ بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٣٢﴾ ج اَمْ يَقُوْلُوْنَ تَقَوَّلَهٗ ۚ بَلْ
سندن عقل اها ڳالهه يا اهي ماڻهو شرارتي آهن. يا چون ٿا ته پاڻ ٺاهيو اٿائين انکي، بلڪ اهي
اهو ڏس ڏيندا آهن ڇا يا اهي شرارتي قوم آهن؟. چوندا آهن ڇا ته هن (قرآن) کي پاڻ ٺاهيو اٿس. (نه!) بلڪ

لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٣﴾ ج فَلْيَاْتُوْا بِحَدِيْثٍ مِّثْلِهٖٓ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ﴿٣٤﴾ ۭ اَمْ
نه ٿا مڃين. پوءِ ڀل آڻين ڳالهه ان جهڙي جيڪڏهن آهين سچا. يا
ايمان نٿا آڻين. پوءِ (ڪين) جڳائي ته جيڪڏهن سچا آهن ته ان جهڙو ڪو سخن (بنائي) آڻين.

خُلِقُوْا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ ۭ اَمْ خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ
اهي پيدا ٿيا آهن سواءِ پيدا ڪندڙ جي يا اهي خود پيدا ڪندڙ آهن. يا انهن بڻايو آهي آسمانن
اهي بي سبب (پاڻهي) پيدا ٿي پيا آهن ڇا يا اهي (پاڻ) پيدا ڪندڙ آهن؟ آسمانن ۽ زمين کي بڻايو اٿن ڇا؟

وَالْاَرْضَ ۚ بَلْ لَّا يُوْقِنُوْنَ ﴿٣٦﴾ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَبِّكَ اَمْ هُمُ

۽ زمين کي، پر اهي ويساهه نہ ٿا ڪن. يا انهن وٽ تنهنجي رب جا خزانا آهن يا اهي

(نہ!) بلڪ (اهي) يقين نہ ڪندا آهن. تنهنجي پالڻهار جا خزانا وٽن آهن ڇا يا اهي داروغا آهن؟

الْمُصَيْطِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ اَمْ لَهُمْ سُلَّمٌ يَّسْتَمِعُوْنَ فِيْهِ ۚ فَلْيَاْتِ مُسْتَمِعُهُمْ

سنڀاليندڙ آهن. يا انهن وٽ ڪا ڏاڪڻ آهي ٻڌي ٿا ونئن جنهن تان، پوءِ پيل تہ آڻي انهن جو ٻڌندڙ

ڪين ڪا ڏاڪڻ آهي ڇا جنهن تي (چڙهي) ڪن ڏيئي ٻڌندا آهن؟ پوءِ جڳائي تہ انهن مان ٻڌندڙ

بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ اَمْ لَهُ الْبَنٰتُ وَلَكُمُ الْبَنُوْنَ ﴿٣٩﴾ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا

ڪو دليل چٽو. يا ان لاءِ ڌيئر آهن ۽ توهان لاءِ پٽ آهن. يا تون گهرندو آهين انهن کان ڪو اجورو

ڪو پڌرو دليل آڻي. الله کي ڌيئر آهن ڇا ۽ اوهان کي پٽ؟. انهن کان ڪا مزوري گهرين ٿو ڇا؟

فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٠﴾ اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤١﴾

جو اهي چٽيءَ کان زيربار آهن. يا انهن وٽ ڳجهه آهي جو اهي لکن ٿا.

جو اهي (انهيءَ) چٽيءَ کان ڳوري بار (هيٺ) ٿيا آهن. انهن وٽ ڳجهہ جو علم آهي ڇا؟ جو اهي لکندا آهن.

اَمْ يُرِيْدُوْنَ كَيْدًا ؕ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا هُمُ الْمَكِيْدُوْنَ ﴿٤٢﴾ اَمْ لَهُمْ

يا رٿن ٿا ڪا ٻڇڙي رٿ پوءِ جن ڪفر ڪيو اهي ڌوڪي ۾ آهن. ڇا انهن کي

ڪا ٻڇڙي رٿ ڪرڻ گهرندا آهن ڇا؟ پوءِ جن ڪفر ڪيو سي ئي فريب ۾ پيل آهن. انهن لاءِ الله کان سواءِ (ٻيو)

اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٤٣﴾ وَاِنْ يَّرَوْا كِسْفًا مِّنَ

ڪو ٻيو حاڪم آهي سواءِ الله جي، پاڪ آهي الله ان کان جو اهي شريڪ ٿا ڪن. ۽ جيڪڏهن ڏسن ڪو ٽڪرو آسمان

ڪو عبادت جو لائق آهي ڇا؟ (سائس) جيڪو شريڪ مقرر ڪندا آهن، تنهن کان الله پاڪ آهي. ۽ جيڪڏهن آسمان مان ڪو ٽڪرو

السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ ﴿٤٤﴾ فَذَرْهُمْ حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ

مان ڪرندي تہ چوندا اهو ڪڪر آهي گهاٽو. پوءِ ڇڏ انهن کي تيستائين جو ڏسن پنهنجو اهو ڏينهن

ڪرندڙ ڏسندا تہ، چوندا تہ گهاٽو ڪڪر آهي. پوءِ (اي پيغمبرا) انهن کي ايستائين ڇڏي ڏي. جيستائين پنهنجو اهو

الَّذِيْ فِيْهِ يُصْعَقُوْنَ ﴿٤٥﴾ يَوْمَ لَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا وَّلَا هُمْ

جنهن ۾ بيهوش ڪيا ويندا. جنهن ڏينهن نہ ٽاريندي انهن کان سندن ٻڇڙي رٿ ڪنهن شيءِ کي ۽ نڪي ڪين

ڏينهن ڏسن جنهن ۾ بيهوش ڪيو ويندن، جنهن ڏينهن سندن فريب ڪائنٽ ڪجهه بہ نہ ٽاريندو ۽

يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذٰلِكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ

ڪا مدد ملندي. ۽ بيشڪ انهن لاءِ جن ظلم ڪيو عذاب آهي انهي کان سواءِ ٻيو پر گهڻا انهن جا

نڪي ڪين مدد ڏبي. ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ هن کان سواءِ ٻيو عذاب (بہ) آهي، پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن. ۽ (اي پيغمبرا)

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ
نه ٿا ڄاڻن. ۽ صبر ڪر پنهنجي رب جي حڪم تائين پوءِ بيشڪ تون اسان جي نگاهن ۾ آهين ۽ تسبيح پڙهه پنهنجي رب جي تعريف سان
تون پنهنجي پالڻهار جي حڪم (اچڻ) تائين صبر ڪر ڇو ته تون اسان جي نظر هيٺ آهين ۽ جنهن مهل تون اُٿين (تنهن مهل) پنهنجي پالڻهار
حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٤٨﴾ وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاِدْبَارَ النُّجُوْمِ ﴿٤٩﴾ ع
جنهن مهل اٿين تون. ۽ رات جو پوءِ پاڪائي پڙهه ۽ تارن جي لهڻ کان پوءِ به.
جي ساراهه سان پاڪائي بيان ڪر. ۽ ڪجهه رات جو (به) سندس پاڪائي بيان ڪر ۽ ستارن جي لهڻ کان پوءِ (به).

سُوْرَةُ النَّجْمِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٦٢ رُكُوْعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.
الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى ﴿١﴾ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى ﴿٢﴾ وَمَا يَنْطِقُ عَنِ
شاهد آهي اهو تارو جڏهن لٿو. نه ته ڀُليو صاحب توهان جو ۽ نڪي مُنجهيو. ۽ نه تو ڳالهائي پنهنجي
ستاري جو قسم آهي جڏهن لٿو. ته اوهان جو (هيءُ) سنگتي (يعني محمد ﷺ) نڪي ڀُلو ۽ نڪي بي راهو هليو. ۽ نڪي نفس جي سڌ کان ڳالهائيندو آهي.
الْهَوٰى ﴿٣﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ﴿٤﴾ عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى ﴿٥﴾ ذُوْ مِرَّةٍ
خيال کان. ناهي اهو مگر حڪم جو وحي ڪيو ويو. ڄاڻايو ان کي سخت طاقتن واري، وڏي سمجهدار
هيءُ (قرآن ٻيو) نه آهي. سواءِ وحي جي جو ڏانهس موڪليو ويندو آهي. اُن کي ڏاڍيءَ سگهه واري سيکاريو آهي. جو زور وارو آهي.
فَاسْتَوٰى ﴿٦﴾ وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ﴿٧﴾ ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ﴿٨﴾ فَكَانَ قَابَ
پوءِ ٺهي آيو. ۽ اهو آسمان جي ڪناري مٿئين تي هو نيٺ ويجهو ٿيو پوءِ جهڪي آيو. پوءِ ٿيو ماپ ٻن
پوءِ اهو سڌو بيٺو. ۽ اهو (آسمان جي) مٿاهين ڪناري تي هو. وري ويجهو ٿيو پوءِ هيٺ لٿو. پوءِ ٻن ڪمانن جيتري وٿي هئي
قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ﴿٩﴾ فَاَوْحٰٓى اِلٰى عَبْدِهٖ مَآ اَوْحٰى ﴿١٠﴾ مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ
ڪمانن جي تي يا اڃا ويجهو. پوءِ نياپو ڏنائين ان جي ٻانهن کي جيڪي ان حڪم ڪيو. نه غلط ڪيو ان جي دل
يا (اُن کان به) تمام ويجهو هو. پوءِ ان (الله) جي ٻانهي ڏانهن پيغام پهچايائين. جيڪي پهچايائين. جيڪي (پيغمبر جي) دل ڏٺو سو اُن ڪوڙ نه ڄاتو.
مَا رَاٰى ﴿١١﴾ اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿١٢﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ﴿١٣﴾
جنهنکي ڏٺائين. ڇا پوءِ جهڳڙو ڪيو ٿا ساڻس ان تي جيڪي ڏسي ٿو. ۽ بيشڪ ڏٺائين ان کي لهندي ٻيهر.
جيڪي (پيغمبر) ڏسندو آهي تنهن ۾ ان سان ڇو جهڳڙو ڪندا آهيو؟ ۽ بيشڪ اُنهيءَ (ملائڪ) کي (اُنهيءَ مهل) ٻيو ڀيرو (سندس اصلي صورت ۾)
عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى ﴿١٤﴾ عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى ﴿١٥﴾ اِذْ يَغْشَى
تمام وڏيءَ ٻير وٽ. اُنهيءَ وٽ آهي جنت الماويٰ. جڏهن ڇانئجي ويو
ڏٺو هيائين. سدرة المنتهيٰ (وڏي ٻير) وٽ. اُن (سدرة المنتهيٰ) وٽ رهڻ وارو باغ آهي. (ملائڪ کي اُنهيءَ مهل ڏٺائين). جنهن مهل ٻير کي اُنهيءَ

السِّدْرَةَ مَا يَغْشٰى ﴿١٦﴾ مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿١٧﴾ لَقَدْ رَاٰى مِنْ

پيرتي اهو (نور) جو ڇانئجي پيو، نہ ڦري نگاھ ۽ نہ لنگھي حدکان ٻاهر. بيشڪ ڏٺائين کي

تي ڍڪيو، جنهن ڍڪيو ٿي. (پيغمبر جي اک) نہ ڪي ڦري ۽ نہ ڪي حد کان لنگھي. بيشڪ ڪي وڏيون نشانيون

اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ﴿١٨﴾ اَفَرَءَيْتُمُ اللّٰتَ وَالْعُزّٰى ﴿١٩﴾ وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ

نشانيون پنهنجي رب جون وڏيون. ڀلا توهان نہ ڏٺو آهي لات ۽ عزيٰ کي، ۽ منات ٽئين

پنهنجي پالڻهار جون ڏٺائين. لات ۽ عزيٰ کي ڏٺو اٿوَ ڇا؟ ۽ پوئين ٽين منات کي بہ؟ (جو اهي بت الله ٻڌي نہ سگھندا آهن).

الْاُخْرٰى ﴿٢٠﴾ اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ الْاُنْثٰى ﴿٢١﴾ تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى ﴿٢٢﴾

پوئين کي. ڇا توهان کي پٽ ۽ انهيءَ (الله) کي ڌيئون. اها تہ آهي ورهاست ڪوڙي.

اوهان لاءِ پٽ آهن ڇا ۽ الله لاءِ ڌيئرون؟ اها (ورهاست) انهيءَ مهل بي انصافيءَ واري ورهاست آهي.

اِنْ هِيَ اِلَّآ اَسْمَآءٌ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ

اهي رڳو نالا آهن جيڪي پاڻ رکيا اٿوَ توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن نہ لاٿي آهي الله

اهي (سڀ) رڳا نالا آهن، جي اوهان پاڻ ۽ اوهان جي پيءُ ڏاڏن مقرر ڪيا آهن. الله اُن (جي ثابتيءَ) جو

بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ط اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَمَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ ج

انهن لاءِ ڪا ثابتي، اهي رڳو هلن ٿا اٽڪل تي ۽ جيڪي چاهي جيءُ.

ڪو دليل نازل نہ ڪيو آهي (هيءُ رڳو) گمان تي هلندا آهن ۽ جيڪي (سندن) جيءُ سڌ ڪندا آهن، (تنهن تي بہ).

وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ الْهُدٰى ﴿٢٣﴾ ط اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَا تَمَنّٰى ﴿٢٤﴾ صلے

هوڏانهن اچي وئي اٿن سندن رب کان هدايت. ڇا آهي انسان لاءِ جيڪي گھري.

۽ بيشڪ سندن پالڻهار کان وٽن هدايت آئي آهي. ماڻهو جيڪا سڌ ڪندو آهي سا ڪيس ملندي ڇا؟ پوءِ هو

فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰى ﴿٢٥﴾ ع وَكَمْ مِّنْ مَّلَكٍ فِي السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِيْ

پوءِ الله جي آهي آخرت ۽ دنيا. ۽ ڪيترائي ملڪ آهن آسمانن ۾ جو نہ ٿي فائدو ڏئي

جڳ ۽ هي جڳ الله جو آهي. ۽ آسمانن ۾ ڪيترائي ملائڪ آهن جن جي پارت ذري جيترو بہ

شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَرْضٰى ﴿٢٦﴾

سفارش تن جي ڪجھہ بہ مگر هن کان بعد جو اجازت ڏئي الله جنهن لاءِ چاهي ۽ پسند ڪري.

نفعو نہ ڪندي، پر الله جي موڪل ڏيڻ کان پوءِ جنهن لاءِ گھري ۽ راضي ٿئي.

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ تَسْمِيَةَ الْاُنْثٰى ﴿٢٧﴾

بيشڪ جيڪي نہ ٿا مڃين آخرت کي اهي نالا رکن ٿا ملڪن تي نالا مادين جا.

بيشڪ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن سي ملائڪن تي ڌيئرن جا نالا رکندا آهن.

وَمَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَاِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ

هوڏانهن ناهي کين ان جي ڪائي خبر، رڳو هلن ٿا اٽڪل تي، ۽ بيشڪ اٽڪل نه ٿي فائدو ڏئي

۽ کين اِن (ڳالهه) جي ڪا خبر نه آهي، رڳو گمان تي هلندا آهن ۽ بيشڪ گمان حقيقت جي سڃاڻڻ ۾ ڪجهه به نفعو نه ڏيندو آهي.

مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ﴿٢٨﴾ فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى ۙ عَنْ ذِكْرِنَا وَلَمْ يُرِدْ اِلَّا

سچ جو ڪجهه به. پوءِ منهن موڙ ان کان جنهن منهن موڙيو اسان جي قرآن کان ۽ انهيءَ نه گهري مگر

پوءِ (اي پيغمبر!) انهيءَ کان منهن موڙ جنهن اسان جي ياد ڪرڻ کان منهن ڦيرايو ۽ دنيا جي حياتيءَ کان سواءِ

الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ

حياتي دنيا جي. اها آهي رسائي سندن پروڙ جي. بيشڪ تنهنجو رب ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪير

(ٻيو) ڪجهه نه گهريائين. اِها سندن علم جي پهچائي آهي. بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي انهيءَ کي چڱيءَ طرح ڄاڻيندڙ آهي. جيڪو

الربع ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۙ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدٰى ﴿٣٠﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ

ڀلجي ويو سندس راهه کان ۽ اهو خوب ڄاڻي ٿو ان کي جنهن هدايت ورتي. ۽ الله جوئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي

سندس واٽ کان ڀلو ۽ جيڪو سڌي رستي هليو تنهن کي (به) اهو چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، سو الله جو

وَمَا فِي الْاَرْضِ ۙ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوْا بِمَا عَمِلُوْا وَيَجْزِيَ الَّذِيْنَ

۽ جيڪي زمين ۾ آهي، جيئن سزا ڏئي انهن کي جن ڪئي برائي سندس عملن جي ۽ بدلو ڏئي انهن کي جن

آهي ته جن بڇڙا ڪم ڪيا تن کي انهن ڪمن جي ڪري نيٺ سزا ڏئي ۽ جن چڱايون ڪيون تن کي ڀلائي جو (جوڳو) بدلو ڏئي.

اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى ﴿٣١﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ اِلَّا

ڀلائي ڪئي، ڀلائي جو. اهي جيڪي پاسو ڪن ٿا وڏن گناهن کان ۽ بي حيائين کان سواءِ

جيڪي ننڍن گناهن کان سواءِ وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ کان پاڻ کي بچائيندا آهن. بيشڪ تنهنجو پالڻهار

اللَّمَمَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ

ننڍن گناهن جي. بيشڪ رب تنهنجو ڪشاديءَ بخشش وارو آهي. اهو خوب ڄاڻي ٿو توهان کي جڏهن اپايائين توهان کي

(انهن لاءِ) وڏي بخشش وارو آهي. اهو اوهان کي چڱو ڄاڻندڙ آهي، جڏهن اوهان کي زمين مان پيدا ڪيائين

الْاَرْضِ وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ فَلَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ

ڌرتيءَ مان ۽ جڏهن توهان هئا ڪچا ٻار پنهنجي مائرن جي پيٽن ۾، پوءِ پاڪ نه چئو پاڻ کي.

۽ جڏهن اوهين پنهنجن مائرن جي پيٽن ۾ ٻار هيؤ. تنهن ڪري اوهين پاڻ کي نه ساراهيو. الله انهيءَ کي چڱيءَ

ع هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿٣٢﴾ اَفَرَءَيْتَ الَّذِيْ تَوَلّٰى ﴿٣٣﴾ وَاَعْطٰى قَلِيْلًا وَّ

اهو خوب ڄاڻي ٿو ان کي جيڪو پرهيزگار ٿيو. ڇا تو ڏٺو اهو جنهن منهن ڦيريو. ۽ ڏنائين ٿورو ۽

طرح ڄاڻندڙ آهي، جيڪو پرهيزگار ٿيو. (اي پيغمبر!) پوءِ ان کي نه ڏٺو اٿيئي ڇا جيڪو ڦريو؟ ۽ ٿورو (مال) ڏنائين ۽

أَكْدٰى ﴿٣٤﴾ أَعِنْدَهٗ عِلْمُ الْغَيْبِ فَهُوَ يَرٰى ﴿٣٥﴾ أَمْ لَمْ يُنَبَّأْ بِمَا
ڪنجوس ٿيو. چا ان وٽ آهي علم غيب جو پوءِ اهو ڏسي ٿو. چا ان کي خبر نہ ڏني وئي جا
سخت دل ٿيو. وٽس ڳجهہ جي خبر آهي جا جو جڳهہ اهو (سڀڪجهہ) اکين سان ڏسندو آهي؟ انهيءَ جي خبر ڪيس ڏني وئي، جا جيڪي
فِىْ صُحُفِ مُوْسٰى ﴿٣٦﴾ وَاِبْرٰهِيْمَ الَّذِىْ وَفّٰىٓ ﴿٣٧﴾ اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ
موسيٰ جي ڪتابن ۾ آهي. ۽ ابراهيم واري جنهن وفاداري ڪئي، تہ نہ کڻندو ڪو بہ بار کڻندڙ بار
موسيٰ جي صحيفن ۾ (لکيل) آهي. ۽ (جيڪي) ابراهيم (جي صحيفن ۾ آهي)، جنهن (الله جي حقن کي) پورو ڪيو. (هيءُ حڪم) تہ ڪو بار کڻندڙ
اُخْرٰى ﴿٣٨﴾ وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ﴿٣٩﴾ وَاَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ
ٻئي جو ۽ ناهي ماڻهوءَ لاءِ مگر اهو جو ڪمايائين، ۽ بيشڪ سندس ڪمائي اجهو
ڪنهن ٻئي (جي گناه) جو بار نہ کڻندو. ۽ ماڻهوءَ کي رڳو اها ئي (ڪمائي) ملندي جيڪا ڪيائين. ۽ تہ سندس ڪمائي جلد
يُرٰى ﴿٤٠﴾ ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿٤١﴾ وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الْمُنْتَهٰى ﴿٤٢﴾ وَ
ڏيکاري ويندي. پوءِ ڏنو ويندو ان کي بدلو پورو. ۽ بيشڪ تنهنجي رب ڏي ئي پهچڻ آهي. ۽
ڏني ويندي. وري ڪيس تمام پورو بدلو (انهيءَ ڪمائيءَ موجب) ڏنو ويندو. ۽ تہ تنهنجي پالڻهار ڏانهن
اَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَاَبْكٰى ﴿٤٣﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَاَحْيَا ﴿٤٤﴾ وَاَنَّهٗ خَلَقَ
بيشڪ اهو ئي آهي جنهن کلايو ۽ روئاريو، ۽ انهيءَ ئي ماريو ۽ جياريو. ۽ انهيءَ ئي پيدا ڪيو
موٽڻ آهي. ۽ تہ ان ئي کلايو ۽ رئاريو. ۽ تہ ان ئي ماريو ۽ جياريو. ۽ تہ ان (الله) نر ۽ مادي
الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿٤٥﴾ مِنْ نُّطْفَةٍ اِذَا تُمْنٰى ﴿٤٦﴾ وَاَنَّ عَلَيْهِ
هر جوڙي نر ۽ مادي کي، هڪ ڦڙي مان جڏهن وڌو ويو، ۽ بيشڪ انهيءَ تي ئي آهي
جوڙو جوڙو بڻايو. منيءَ جي هڪ ڦڙي مان، جڏهن (ڳڀڻ ۾) هاريو وڃي. ۽ تہ ان تي ئي
النَّشْاَةَ الْاُخْرٰى ﴿٤٧﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى وَاَقْنٰى ﴿٤٨﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ رَبُّ
جيارڻ ٻيهر، ۽ بيشڪ انهيءَ ئي آسودو ڪيو ۽ مالدار بڻايو، ۽ اهو ئي آهي رب
اهو ٻيو (ڀيرو) پيدا ڪرڻ آهي. ۽ تہ ان ئي آسودو ڪيو ۽ مالدار بڻايو. ۽ تہ اهو ئي شعريٰ تاري جو رب آهي.
الشِّعْرٰى ﴿٤٩﴾ وَاَنَّهٗ اَهْلَكَ عَادًا الْاُوْلٰى ﴿٥٠﴾ وَثَمُوْدَاْ فَمَآ اَبْقٰى ﴿٥١﴾ وَقَوْمَ
شعريٰ (تاري) جو، ۽ بيشڪ انهيءَ ئي تباهہ ڪيو عاد اڳئين کي، ۽ ثمود کي پوءِ نہ بچايائين، ۽ نوح
۽ تہ ان ئي پهرئين عاد کي ناس ڪيو. ۽ ثمود کي (بہ) پوءِ انهن مان (ڪنهن کي) باقي نہ ڇڏيائين. ۽
نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَاَطْغٰى ﴿٥٢﴾ وَالْمُؤْتَفِكَةَ
جي قوم کي انهن کان اڳ ۾ اهي هئا وڏا ظالم ۽ وڏا شرير. ۽ اونڌن ڳوٺن کي
ان کان اڳ نوح جي قوم کي بہ (هلاڪ ڪيائين) ڇو تہ اهي ڏاڍا ظالم ۽ تمام حد کان لنگهيل هئا. ۽ (شهر) اونڌي ڪيل کي

اَهْوٰى ﴿٥٣﴾ فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰى ﴿٥٥﴾ هٰذَا

هيٺ اڇليائين. پوءِ ڍڪيو انهن کي جنهن ڍڪيو. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن ۾ شڪ ڪندين. هي

هيٺ اڇليائين. پوءِ اُن کي ڍڪيو جنهن ڍڪيو (يعني پٿرن جو مينهن وسايائين). پوءِ (اي انسان!) پنهنجي پالڻهار جي نعمتن مان ڪهڙيءَ ۾ ٿو

نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ﴿٥٦﴾ اَزِفَتِ الْاٰزِفَةُ ﴿٥٧﴾ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ

ڊيڄاريندڙ آهي ڊيڄاريندڙن پهرين مان. ويجهي ٿي ويجهي ايندڙ. ناهي ان کي الله کان

شڪ ڪرين؟ هيءُ (پيغمبر) اڳين ڊيڄاريندڙن (جي جنس) مان (هڪ) ڊيڄاريندڙ آهي. ويجهي اچڻ واري (قيامت) ويجهي آئي. ان کي الله کان سواءِ

اللّٰهِ كَاشِفَةٌ ﴿٥٨﴾ اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَتَضْحَكُوْنَ وَ

سواءِ ڪوئي هٽائيندڙ. ڇا پوءِ هن ڳالهه تي عجب ٿا ڪريو. ۽ کلو ٿا ۽

ڪو ظاهر ڪرڻ وارو ڪونهي. هن ڳالهه کان تعجب ڪندا آهيو ڇا؟ ۽ کلندا آهيو ۽

لَا تَبْكُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَاَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ﴿٦١﴾ فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا ﴿٦٢﴾ السجدة

نه ٿا روئو. ۽ توهان رانديون ٿا ڪريو. پوءِ اوهان سجدو ڪريو الله جو ۽ ان جي عبادت ڪريو.

نه رئندا آهيو. ۽ اوهين راند ڪندڙ آهيو. پوءِ الله کي سجدو ڪريو ۽ عبادت ڪريو.

السجدة ١٢

سُوْرَةُ الْقَمَرِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٥٥ رُكُوْعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانْشَقَّ الْقَمَرُ ﴿١﴾ وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَيَقُوْلُوْا

ويجهي ٿي اها گهڙي ۽ چيرجي پيو چنڊ ۽ جيڪڏهن اهي ڏسن ٿا ڪو معجزو ته منهن ٿا ڦيرين ۽ چون ٿا

قيامت ويجهي آئي ۽ چنڊ چيرجي پيو. ۽ جيڪڏهن (ڪافر) ڪا نشاني ڏسندا ته منهن موڙيندا ۽ چوندا ته

سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ﴿٢﴾ وَكَذَّبُوْا وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ وَكُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣﴾

هي جادو آهي هلندڙ. ۽ ڪوڙو ڪيائون ۽ هليا پنهنجي سڌن تي ۽ هر ڪم آهي وقت مقرر تي.

هيءُ (اڳ کان) هلندڙ جادو آهي. ۽ ڪوڙ ڄاتائون ۽ پنهنجن سڌن تي هليا ۽ سڀڪو ڪم پنهنجي وقت تي ٺهرايل آهي.

وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنَ الْاَنْۢبَآءِ مَا فِيْهِ مُزْدَجَرٌ ﴿٤﴾ حِكْمَةٌۢ بَالِغَةٌ فَمَا

۽ بيشڪ آيون انهن وٽ ڪي خبرون جن ۾ هٽي ڇيلپ، يعني سمجهاڻي پوري پوءِ نه

۽ بيشڪ وٽن اهي خبرون آيون آهن، جن ۾ دڙڪو آهي. پوري ڏاهپ (به) آهي. پوءِ عبرت جيون ڳالهيون

تُغْنِ النُّذُرُ ﴿٥﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ ۘ يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ اِلٰى شَيْءٍ نُّكُرٍ ﴿٦﴾

اثر ڪيو ڊيڄارڻ. پوءِ منهن موڙ انهن کان جنهن ڏينهن سڏيندو سڏيندڙ شيءِ اوپري ڏانهن.

ڪين ڪو فائدو نه ٿيون ڏين. تنهن ڪري ڪانئن منهن موڙ. جنهن ڏينهن سڏيندڙ اڻ وڻندڙ شيءِ ڏانهن سڏيندو.

وقف لازم

خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ

جهڪندڙ هونديون اکيون انهن جون نڪرندا قبرن کان جڻڪ اهي آهن ماڪڙ

(تنهن ڏينهن) پنهنجين جهڪين اکين سان قبرن مان ائين نڪرندا جو جڻڪ اهي پکڙيل مکڙ آهن.

مُّنْتَشِرٌ ﴿٧﴾ مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ ؕ يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ ﴿٨﴾

پکڙندڙ. ڊوڙندا ويندا طرف سڏيندڙ جي، چوندا ڪافر هي ڏينهن آهي ڏکيو.

(ان) سڏيندڙ ڏانهن ڊوڙندا ويندا. ڪافر چوندا ته هيءُ ڏکيو ڏينهن آهي!. انهن کان اڳ نوح جي

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ فَكَذَّبُوْا عَبْدَنَا وَقَالُوْا مَجْنُوْنٌ وَّازْدُجِرَ ﴿٩﴾

ڪوڙو ڪيو انهن کان اڳي نوح جي قوم پوءِ ڪوڙو ڪيائون اسان جي ٻانهي کي ۽ چيائون چريو آهي ۽ جهڻڪ ڏنو ويو آهي.

قوم ڪوڙ ڀانيو پوءِ اسان جي ٻانهي کي ڪوڙو ڄاتائون ۽ چيائون ته چريو آهي ۽ (کيس) ڌمڪايو ويو.

فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ ﴿١٠﴾ فَفَتَحْنَآ اَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ

پوءِ پڪاريائين پنهنجي رب کي ته آءٌ عاجز ٿيو آهيان تون بدلو وٺ. پوءِ کولياسون دروازا آسمان جا پاڻي

پوءِ هن پنهنجي پالڻهار کي عرض ڪيو (۽ چيائين) ته بيشڪ آءٌ هيڻو آهيان، تنهن ڪري (اي رب!) تون ڪانئن ور وٺ!. پوءِ آسمان جا دروازا گهڻي وهندڙ

مُّنْهَمِرٍ ﴿١١﴾ ۖ وَّفَجَّرْنَا الْاَرْضَ عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰٓى اَمْرٍ قَدْ

وهندڙ سان، ۽ چيرياسون زمين مان چشما پوءِ گڏجي ويو پاڻي هڪ انداز تي جو فيصلو

پاڻيءَ سان کولياسون. ۽ زمين مان چشما جاري ڪياسون پوءِ (چوڌاري) پاڻي گڏ ٿيو. جنهن ڪم لاءِ

قُدِرَ ﴿١٢﴾ ۚ وَحَمَلْنٰهُ عَلٰى ذَاتِ اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ ﴿١٣﴾ ۙ تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا ۚ جَزَآءً

ڪيل هو. ۽ سوار ڪيوسون ان کي تختن ۽ ميخن واري (ٻيڙي) تي، جيڪا هلي پئي اسان جي نگاهن ۾، بدلي وٺڻ لاءِ

فيصلو ڪيو ويو هو. ۽ کيس تختن ۽ ميخن واريءَ (ٻيڙيءَ) تي چاڙهيوسون. جا اسان جي اکين آڏو ٿي هلي (اهو پاڻي)

لِّمَنْ كَانَ كُفِرَ ﴿١٤﴾ وَلَقَدْ تَّرَكْنٰهَآ اٰيَةً فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٥﴾ فَكَيْفَ

جنهن جو ڪفر ڪيو ويو. ۽ تحقيق ڇڏيوسون ان کي نشانيءَ لاءِ پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺندڙ. پوءِ ڪيئن

انهيءَ شخص جي بدلي وٺڻ لاءِ جنهن کي نه مڃيو هيائون. ۽ بيشڪ انهيءَ (سزا) کي (عبرت لاءِ) هڪ نشاني ڪري ڇڏيوسون، پوءِ آهي ڪو نصيحت

كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٦﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ

هئو منهنجو عذاب ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ. ۽ يقينن اسان سولو ڪيو قرآن سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪوئي

وٺڻ وارو؟ پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا ڊڪا ڪهڙيءَ طرح هيا!. ۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿون، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟.

مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾ كَذَّبَتْ عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٨﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا

نصيحت وٺندڙ. ڪوڙو ڪيو عادوارن پوءِ ڪيئن هئو منهنجو عذاب ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ. بيشڪ اسان موڪليو سون

عاد (قوم) ڪوڙ ڀانيو پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا ڊڪا ڪهڙيءَ طرح هئا!. بيشڪ اسان سخت طوفان

عَلَيْهِمْ رِيحًا صَرْصَرًا فِي يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿١٩﴾ تَنزِعُ النَّاسَ

انهن تي | هوا | تکي | هڪ ڏينهن نياڳ واري اڻ کٽ ۾. | اکيڙيائين | ماڻهن کي

کي تمام سخت نياڳي ڏينهن ۾ متن موڪليو. جو ماڻهن کي پٽيائين ٿي جڻڪ اهي کجيءَ جي ٿڙن

كَأَنَّهُمْ أَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنقَعِرٍ ﴿٢٠﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿٢١﴾ وَ

جڻڪ اهي آهن | ٿُنڊ | کجين | پاڙان نڪتل جا. | پوءِ ڪيئن هئو | منهنجو عذاب ڪرڻ | ۽ ڊيڄارڻ. | ۽

جان پاڙون پٽيل آهن. پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙيءَ طرح هيا؟. ۽ بيشڪ قرآن کي

لَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ ﴿٢٢﴾ كَذَّبَتْ ثَمُودُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾ ع ١ ٢٢ ٨

يقينن | اسان سولو ڪيو | قرآن | سمجهڻ لاءِ | پوءِ آهي | ڪو | نصيحت وٺندڙ. | ڪوڙو ڪيو | ثمود | ڊيڄاريندڙن کي.

نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿئون. پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ ثمود جي قوم ڊيڄاريندڙن کي ڪوڙو ڀانيو.

فَقَالُوا أَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهُ إِنَّا إِذًا لَّفِي ضَلَالٍ وَسُعُرٍ ﴿٢٤﴾ أَأُلْقِيَ

پوءِ چيائون | ڇا پنهنجي ماڻهوءَ | هڪڙي جي | ڪيڙلڳون | بيشڪ اسين تڏهن | گمراهي ۽ چريائپ ۾ آهيون. | ڇا لاٿي ويئي

پوءِ چيائون ته اسين پنهنجي ئي قوم مان هڪڙي ماڻهوءَ جي تابعداري ڪريون ڇا؟ (جي ائين ڪريون ته) بيشڪ انهيءَ مهل ضرور گمراهيءَ ۽ چريائپ

الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِن بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ أَشِرٌ ﴿٢٥﴾ سَيَعْلَمُونَ غَدًا مَّنِ

اها سمجهه | ان تي | اسان جي وچان | بلڪ | اهو | وڏو ڪوڙو | ڏاڍي آهي. | اجهو ڄاڻي وٺندا | سڀاڻي | ته ڪير آهي

۾ هونداسون. اسان جي وچان انهيءَ تي ئي وحي نازل ڪيو ويو ڇا؟ (نه!) بلڪ اهو وڏو ڪوڙو پاڻ پڏائيندڙ آهي. اجهو سڀاڻي ڄاڻندا ته

الْكَذَّابُ الْأَشِرُ ﴿٢٦﴾ إِنَّا مُرْسِلُو النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ

وڏو ڪوڙو | ڏاڍي. | يقينن اسان | موڪليندڙ آهيون | ڏاچيءَ کي | سندن امتحان لاءِ | پوءِ انتظار ڪر انهن جو

وڏو ڪوڙو پاڻ پڏائيندڙ ڪير آهي؟ بيشڪ. اسين سندن پرک لاءِ (هڪ) ڏاچي موڪليندا سون. پوءِ (اي صالح!) انهن

وَاصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾ وَنَبِّئْهُمْ أَنَّ الْمَاءَ قِسْمَةٌ بَيْنَهُمْ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾

۽ مضبوط رهه. | ۽ ٻڌاءِ انهن کي | ته | پاڻي | ورهايل آهي | انهن جي وچ ۾، | هرڪو | اجرتي | حاضر هجي.

جو منتظر رهه ۽ صبر ڪر. ۽ کين خبردار ڪر ته سندن وچ ۾ پاڻي ورهايل آهي، هرڪو (پنهنجي) واري تي حاضر ٿئي.

فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطَىٰ فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿٣٠﴾

پوءِ سڏيائون | ساٿي پنهنجي کي | پوءِ ان هٿ چوهائي ڪئي | پوءِ منڊو ڪيائينس | پوءِ ڪيئن هئو | عذاب منهنجو | ۽ | ڊيڄارڻ.

پوءِ پنهنجي سنگتيءَ کي سڏيائون، پوءِ وڏيڪ هلت ڪيائين ۽ (وارڪري ڏاچيءَ کي) منڊو ڪيائين. پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا

إِنَّا أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَاحِدَةً فَكَانُوا كَهَشِيمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣١﴾

بيشڪ اسان موڪلي سون | انهن تي | راڙ | هڪڙي | پوءِ ٿي پيا | جهڙي ڀريل | واڙ.

دڙڪا ڪهڙيءَ طرح هئا. بيشڪ اسان هڪ ڏڪو متن موڪليو، پوءِ پُٽي ڀيهر وانگر (ڏڳ) ٿي پيا.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٣٢﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍ

۽ يقينن سولو ڪيوسون قرآن سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪوئي سمجهڻ وارو. ڪوڙو ڪيو لوط جي قوم

بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿئون. پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ لوط جي قوم ڏيڄاريندڙن کي ڪوڙو ڄاتو.

بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ط نَجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ ﴿٣٤﴾

ڏيڄاريندڙن کي. بيشڪ اسان ڇڏيوسون انهن تي پٿرن وارو واءُ سواءِ ڪٽنب لوط جي، نجات ڏني سون انهن کي اَسُر جو.

بيشڪ اسان مٿن پٿرين وسائيندڙ واءُ کي موڪليو. سواءِ لوط جي گهروارن جي، جو انهن کي اَسر مهل بچايوسون.

نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا ط كَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ شَكَرَ ﴿٣٥﴾ وَلَقَدْ اَنْذَرَهُمْ

مهرباني ڪندي پنهنجي طرفان. اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون ان کي جيڪو ٿورو مڃي. ۽ پڪ (لوط) ڏيڄاريو انهن کي

پاڻ وٽان فضل سان. جنهن شڪرانو ڪيو تنهن کي ائين ئي بدلو ڏيندا آهيون. ۽ بيشڪ (لوط) اسان جي پڪڙڻ کان کين ڏيڄاريو هو پوءِ هٿون

بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا بِالنُّذُرِ ﴿٣٦﴾ وَلَقَدْ رَاوَدُوْهُ عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ

اسان جي پڪڙ کان پوءِ جهڳڙو ڪيائون ڏيڄاريندڙن سان. ۽ راٺڻ لڳس سندس مهمان کان پوءِ اسان ميساريون

انهن دڙڪن ڏيڻ جي ڪري (شڪ آڻي) تڪرار ڪيائون. ۽ بيشڪ لوط سان سندس مهمانن (ڪسڻ) بہ نسبت چڪتاڻ ڪيائون (تہ ڪيس غافل ڪن).

اَعْيُنَهُمْ فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٧﴾ وَلَقَدْ صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً عَذَابٌ

سندن اکيون پوءِ چکو منهنجو عذاب ۽ ڏيڄارڻ. ۽ ڪڙڪيو انهن تي صبوح سويري عذاب

پوءِ سندن اکين (جي ديد) کي وڃايوسون. پوءِ (چيوسون تہ) منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا چکو. ۽ بيشڪ صبح جو هميشہ رهندڙ عذاب کين لتيو.

مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣٨﴾ ج فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٩﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ

تڪندڙ. پوءِ چکو منهنجو عذاب ۽ ڏيڄارڻ. ۽ يقينن سولو ڪيوسون قرآن سمجهڻ لاءِ

پوءِ (چيو وين) تہ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا چکو. ۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿئون.

فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٤٠﴾ ع وَلَقَدْ جَآءَ اٰلَ فِرْعَوْنَ النُّذُرُ ﴿٤١﴾ ج كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا ع ١٨ ٩

پوءِ آهي ڪو سمجهڻ وارو. ۽ بيشڪ آيا فرعون وارن ڏي ڏيڄاريندڙ. ڪوڙو ڪيائون اسان جي نشانين سمورين کي

پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ ۽ بيشڪ فرعون جي قوم ڏانهن ڏيڄاريندڙ آيا. هنن اسان جي مڙني نشانين کي ڪوڙو ڄاتو.

فَاَخَذْنٰهُمْ اَخْذَ عَزِيْزٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٤٢﴾ اَكُفَّارُكُمْ خَيْرٌ مِّنْ اُولٰٓئِكُمْ اَمْ لَكُمْ

پوءِ ورتوسون انهن کي وٺڻ زبردست قادر جيان. ڇا ڪافر توهان جا چڱا آهن انهن کان يا توهان لاءِ آهي

تنهن ڪري کين زبردست طاقتور جي پڪڙ وانگر پڪڙيوسون. (اي قريشو!) اوهان جا ڪافر انهن (ٽولين) کان وڌيڪ ڀلا آهن ڇا يا اوهان لاءِ

بَرَآءَةٌ فِى الزُّبُرِ ﴿٤٣﴾ ج اَمْ يَقُوْلُوْنَ نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ ﴿٤٤﴾ سَيُهْزَمُ

ڇوٽڪارو ڪتابن ۾. يا چون ٿا اسان سمورا بدلو وٺندڙ آهيون. اجهو ڀڃايو ويندو اهو

(اڳين) ڪتابن ۾ ڪا ڇوٽڪاري جي چلي آهي؟ چوندا آهن ڇا تہ اسين (سڀ گڏجي) وير وٺڻ وارا آهيون؟. انهيءَ گروهہ کي جلد شڪست ڏبي

الْجَمْعُ وَ يُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ﴿٤٥﴾ بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ اَدْهٰى

لشڪر ۽ ڀڄندا پٺ ڏئي. پر اها گهڙي سندن انجام جي آهي ۽ اهو وقت تمام خوفناڪ

۽ پٺي ڦيرائي ڀڄندا. (نہ!) بلڪ سندن انجام جي جاءِ قيامت آهي ۽ قيامت ڏاڍي سخت ۽ تمام ڪوڙي

وَاَمَرُّ ﴿٤٦﴾ اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ ضَلٰلٍ وَّ سُعُرٍ ﴿٤٧﴾ يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ

وقف لازم

۽ سخت ڪڙو آهي. يقينن ڏوهاري آهن گمراهي ۾ ۽ دوزخ ۾. جنهن ڏينهن گهليا ويندا

آهي. بيشڪ ڏوهاري گمراهيءَ ۽ چريائيءَ ۾ آهن. (ياد ڪرا) جنهن ڏينهن انهن کي سندن منهن ڀر (دوزخ جي)

فِى النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ ؕ ذُوْقُوْا مَسَّ سَقَرَ ﴿٤٨﴾ اِنَّا كُلَّ شَیْءٍ خَلَقْنٰهُ

باهہ ۾ منهن ڀر، (چيو ويندن) چکو چاٽ عذاب جي. بيشڪ اسان هر شيءِ پيدا ڪئي سون

باهہ ۾ گهليو، چئبو تہ، هاڻي دوزخ جي ڇهڻ جو مزو چکو. بيشڪ، اسان سڀني شيءِ کي اندازي مطابق خلقيو آهي.

بِقَدَرٍ ﴿٤٩﴾ وَمَآ اَمْرُنَآ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍ ۢ بِالْبَصَرِ ﴿٥٠﴾ وَلَقَدْ اَهْلَكْنَآ

پوري انداز سان. ۽ رڳو امر اسان جو هڪ اکر آهي جهڙي اک ڇنڀ. ۽ يقينن اسان ختم ڪيا

۽ اسان جو ڪم رڳو اک ڇنڀ ۾ ٿيڻ وارو هڪ فرمان آهي. ۽ بيشڪ اوهان جهڙين (ڪيترين ئي) ٽولين هلاڪ

اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٥١﴾ وَكُلُّ شَیْءٍ فَعَلُوْهُ فِى الزُّبُرِ ﴿٥٢﴾ وَ

ڪيئي توهان جهڙا پوءِ آهي ڪوئي سمجهڻ وارو. ۽ جو ڪجهہ ڪيو اٿن اهو ڪاغذن ۾ آهي. ۽

ڪيون سون، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟ ۽ جيڪي ڪيو اٿن سو (سڀ سندن) اعمال نامن ۾ (لکيل) آهي. ۽

كُلُّ صَغِيْرٍ وَّكَبِيْرٍ مُّسْتَطَرٌ ﴿٥٣﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَهَرٍ ﴿٥٤﴾

هر ننڍو ۽ وڏو لکيل آهي. بيشڪ پرهيزگار هوندا باغن ۽ نهرن ۾،

هر ننڍو ۽ وڏو (عمل سندن صحيفن ۾) لکيل آهي. بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نهرن ۾ هوندا.

ع ٣ ١٥ فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٥٥﴾

جاءِ سچيءَ ۾ بادشاهہ قدرت واري وٽ.

(اهي) سچيءَ مجلس ۾ سگهاري بادشاه وٽ رهندا.

سُوْرَةُ الرَّحْمٰنِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٧٨ رُكُوْعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلرَّحْمٰنُ ﴿١﴾ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ﴿٢﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ ﴿٣﴾ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ﴿٤﴾

الله ٻاجهاري، سيکاريو قرآن، پيدا ڪيائين انسان، سيکاريائين ان کي بيان.

ٻاجهاري (الله)، قرآن سيکاريو. انسان کي پيدا ڪيائين. ان کي چٽو ڳالهائڻ سيکاريائين.

اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ ﴿٥﴾ وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ﴿٦﴾ وَالسَّمَآءَ

سج ۽ چنڊ ھلڻ ٽا قانون سان، ول ۽ وڻ ڪن ٿا سجدو. ۽ آسمان کي

سج ۽ چنڊ پوري حساب تي هلندا آهن. ۽ وليون ۽ وڻ (الله کي) سجدو ڪندا آهن. ۽ آسمان کي

رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ﴿٧﴾ اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ﴿٨﴾ وَاَقِيْمُوا

بلند ڪيائين ۽ رکيائين ترازي (انصاف جي) ته جيئن نه زيادتي ڪريو ترازيءَ ۾. ۽ پوري رکو

بلند ڪيائين ۽ انصاف جي ترازي رکيائين. هن لاءِ ته تور ۾ حد کان نه لنگهو. ۽ انصاف سان

الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ﴿٩﴾ وَالْاَرْضَ وَضَعَهَا لِلْاَنَامِ ﴿١٠﴾

تور انصاف سان ۽ نه ڪوتي ڪريو ترازي. ۽ ڌرتيءَ کي رکيائين ماڻھن لاءِ،

پورو توريندا رهو ۽ تور ۾ ڪوٽ نه ڪريو. ماڻهن لاءِ زمين کي پکيڙيائين.

فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ﴿١١﴾ وَالْحَبُّ ذُو الْعَصْفِ

ان ۾ آهن ميوا ۽ کجيون سپڙين واريون. ۽ اناج ٺهه وارا

منجهس (هر جنس جو) ميوو ۽ ڇڙين واريون کجيون آهن. ۽ ٻهه وارو اَنُ ۽ خوشبودار ٻوٽا (به اُن ۾)

وَالرَّيْحَانُ ﴿١٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٣﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ

۽ گل خوشبودار. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. پيدا ڪيائين ماڻهوءَ کي

آهن. پوءِ (اي جنُو ۽ انسانُو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ ماڻهوءَ کي ٺڪريءَ جهڙيءَ

صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ ﴿١٤﴾ وَخَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ﴿١٥﴾ فَبِاَيِّ

وڄندڙ مٽيءَ مان جهڙو ٺڪر، ۽ پيدا ڪيائين جن کي باهه جي چڀيءَ مان. پوءِ پنهنجي

(سنهڙي سڪيءَ) وڄندڙ مٽيءَ مان بڻايائين. ۽ جن کي باهه جي اُلنبي مان بڻايائين. پوءِ (اي جنُو ۽ انسانُو!)

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٦﴾ رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَرَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ﴿١٧﴾ فَبِاَيِّ

رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ رب آهي ٻن اوڀرن ۽ ٻن اولهن جو. پوءِ پنهنجي

پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ جو ٻنهي اوڀرن جو پالڻهار ۽ ٻنهي اولهن جو پالڻهار آهي. پوءِ (اي جنُو ۽ انسانُو!) پنهنجي

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٨﴾ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ ﴿١٩﴾ بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ

رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ هلايائين ٻن دريائن کي جي ملن ٿا، آهي انهن جي وچ ۾ پردو جو

پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ ٻن دريائن (کاري ۽ مٺي) کي وهايائين جو پاڻ ۾ گڏجي وهن ٿا. اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اوٽ آهي

لَّا يَبْغِيٰنِ ﴿٢٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢١﴾ يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ

نه ٿا گڏجن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. نڪرن ٿا انهن مان موتي

جو هڪ ٻئي تي زيادتي نه ڪندا آهن. پوءِ (اي جنُو ۽ انسانُو) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ انهن ٻنهي مان موتي ۽ مرجان

وَالْمَرْجَانُ ﴿٢٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٣﴾ وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ

۽ مرجان. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ ۽ ان جا آهن هلندڙ ٻيڙا سڙهه چڙهيل

نڪرندا آهن. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ ۽ سمنڊ ۾ هلندڙ جهاز (سڙهه ڪنيل)

فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٢٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٥﴾ كُلُّ مَنْ

سمنڊ ۾ جبلن جهڙا. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. جيڪو

جبلن وانگر اونچا اُڀريل (الله) جا آهن. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ جيڪو به زمين تي آهي، سو سڀ

النصف

عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ﴿٢٧﴾ فَبِاَيِّ

اُنهيءَ (زمين) تي آهي فنا ٿيندو. ۽ رهندو رخ تنهنجي رب وڏائيءَ ۽ عزت واري جو. پوءِ پنهنجي

فنا ٿيندو. ۽ (اي پيغمبر) تنهنجي پالڻهار جي هڪ ذات باقي رهندي جو عزت وارو ۽ نعمتن وارو آهي. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!)

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٨﴾ يَسْئَلُهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلَّ يَوْمٍ

رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ گهري ٿو ان کان سڀ ڪو جو به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، هر وقت

پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ جيڪو به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀڪو الله کان گهرندو آهي. سڀڪنهن ڏينهن اهو

هُوَ فِيْ شَاْنٍ ﴿٢٩﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٠﴾ سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَ

اهو پورت ڪندڙ آهي. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جي انڪار ڪندؤ اجهو واندا ٿينداسون توهان لاءِ اي

ڪم ۾ آهي. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ اي جنو ۽ انسانو! اسين واندا ٿي جلد (حساب ڪتاب لاءِ)

الثَّقَلٰنِ ﴿٣١﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٢﴾ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ

ٻار وارؤ. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. اي جماعت جنن ۽ ماڻهن جي

اوهان ڏانهن متوجه ٿينداسون. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ اي جنن ۽ ماڻهن جا جٿو!

اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ

جيڪڏهن توهان سگهو ٿا ته ڀڄي نڪرڻ طرفن آسمانن ۽ زمين جي کان ته نڪري وڃو.

جيڪڏهن اوهين آسمانن ۽ زمين جي پاسن کان ٻاهر نڪري سگهندا آهيو ته نڪرو، وڏي همت کان سواءِ ٻيءَ طرح

لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ ﴿٣٣﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٤﴾ يُرْسَلُ

(پر) نه نڪري سگهندؤ وڏي طاقت کان سواءِ. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. موڪليو ويندو

سان ٻاهر نڪري نه سگهندؤ (جا اوهان ۾ آهي ڪانه). پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟

عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ ۙ وَّنُحَاسٌ فَلَا تَنْتَصِرٰنِ ﴿٣٥﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ

توهان تي الانبو باهه جو ۽ دونهات پوءِ توهان نه بدلو وٺندؤ. پوءِ پنهنجي رب جي

اوهان تي باهه جو الانبو ۽ دونهون موڪليو ويندو جو مقابلو ڪري نه سگهندؤ. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٦﴾ فَاِذَا انْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ وَرْدَةً كَالدِّهَانِ ﴿٣٧﴾ج

ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. پوءِ جڏهن ڦاٽندو آسمان تہ ٿيندو ڳاڙهو جهڙو رنڱ تيل.

پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندَؤ؟ پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽندو تڏهن ڳاڙهيءَ چمڙيءَ وانگر گلابي ٿيندو.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٨﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْئَلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. پوءِ ان ڏينهن پڇا نہ ٿيندي ان جي گناهہ جي ڪنهن ماڻهو کان

پوءِ (اي جنّو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندَؤ؟ پوءِ اُن ڏينهن نڪي ماڻهو ۽ نڪي جن پنهنجي گناهہ بابت پڇبا.

وَّلَا جَآنٌّ ﴿٣٩﴾ج فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٠﴾ يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ

۽ نہ جن کان. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جي انڪار ڪندؤ. سڃاڻبا ڏوهاري

پوءِ (اي جنّو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندَؤ؟ ڏوهاري پنهنجي شڪلين مان پيا

بِسِيْمٰهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَالْاَقْدَامِ ﴿٤١﴾ج فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

پنهنجن چهرن مان پوءِ پڪڙيا ويندا چوٽن ۽ پيرن کان. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جي

سڃاتا ويندا. پوءِ چُنڊن ۽ پيرن مان پڪڙيا. پوءِ (اي جنّو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٢﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ يُكَذِّبُ بِهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ يَطُوْفُوْنَ وقف لازم

انڪار ڪندؤ. هي دوزخ اهو آهي جنهن جو انڪار ڪندا هئا ڏوهاري. پيا ڦرندا

انڪار ڪندَؤ؟ (چئبو تہ) هيءُ اُهو دوزخ آهي، جنهن کي گنهگارن ڪوڙو ڀانيو هو. انهيءَ (دوزخ) ۾ ۽ تتي ٽهڪندڙ

بَيْنَهَا وَبَيْنَ حَمِيْمٍ اٰنٍ ﴿٤٤﴾ج فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٥﴾ع وَلِمَنْ خَافَ ع ۲ ۱۲

ان جي وچ ۾ ۽ ٽچڪندڙ پاڻيءَ جي وچ ۾. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ۽ ان لاءِ جيڪو ڊنو

پاڻيءَ ۾ پيا ايندا ويندا. پوءِ (اي جنّو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندَؤ؟ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي آڏو

مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿٤٦﴾ج فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٧﴾لا ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ ﴿٤٨﴾ج

پنهنجي رب جي اڳيان بيهڻ کان بہ باغ آهن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻئي گهٽين ٽارين وارا.

بيهڻ کان ڊنو تنهن لاءِ بہ باغ آهن. پوءِ (اي جنّو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندَؤ؟ ٻئي باغ ساين ٽارين وارا (گهاٽا) آهن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٩﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ﴿٥٠﴾ج فَبِاَيِّ اٰلَآءِ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ۾ بہ چشما وهن ٿا. پوءِ پنهنجي رب جي

پوءِ (اي جنّو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندَؤ؟ انهن (ٻن باغن) ۾ ٻہ چشما وهن ٿا. پوءِ (اي جنّو ۽ انسانو!)

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥١﴾ فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ﴿٥٢﴾ج فَبِاَيِّ اٰلَآءِ

ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻنهي ۾ آهن هر ميوي جون ٻہ جنسون. پوءِ پنهنجي رب جي

پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندَؤ؟ انهن ٻنهي (باغن) ۾ سڀڪنهن ميوي مان ٻہ ٻہ جنسون آهن. پوءِ (اي جنّو ۽ انسانو!)

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٣﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى فُرُشٍۢ بَطَآئِنُهَا مِنْ اِسْتَبْرَقٍ ؕ

کھڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٽيڪ ڏيندڙ هوندا بسترن تي جن جا استر آهن ٿلهي پٽ جا.

پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ اهڙن وڇائڻن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺا هوندا. جنهن جو آستر استبرق پٽ مان هوندو

وَجَنَا الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٥﴾ فِيْهِنَّ

۽ ڦر ٻنهي باغن جو ويجهو آهي. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. انهن ۾ آهن

۽ انهن ٻنهي باغن جو ميوو ويجهو هوندو. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ ٻنهي (باغن جي ماڙين) ۾

قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ ۙ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ﴿٥٦﴾ فَبِاَيِّ

اکيون هيٺ ڪندڙ زالون، نه هٿ لاتو ڪين ڪنهن ماڻهوءَ انهن کان اڳ ۽ نڪي جن. پوءِ پنهنجي

هيٺ نگاه ڪرڻ واريون (حيادار حورون) هونديون. جن کي انهن کان اڳ نڪي ڪنهن ماڻهوءَ ۽ نڪي ڪنهن جن ڇهيو هوندو. پوءِ

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٧﴾ كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَالْمَرْجَانُ ﴿٥٨﴾ فَبِاَيِّ

رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ڄڻڪ اهي ياقوت ۽ مرجان آهن. پوءِ پنهنجي

(اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ اهي (حورون) ڄڻڪ ياقوت ۽ مرجان آهن. پوءِ

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٩﴾ هَلْ جَزَآءُ الْاِحْسَانِ اِلَّا الْاِحْسَانُ ﴿٦٠﴾ فَبِاَيِّ

رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ناهي بدلو چڱائي جو پر چڱائي آهي. پوءِ پنهنجي

(اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ چڱائيءَ جو بدلو چڱائيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪونهي. پوءِ

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦١﴾ وَمِنْ دُوْنِهِمَا جَنَّتٰنِ ﴿٦٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ۽ انهن ٻن کان سواءِ ٻيا ٻه باغ به آهن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو

(اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ انهن ٻن (باغن) کان سواءِ ٻيا ٻه باغ به آهن. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي

تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٣﴾ مُدْهَآمَّتٰنِ ﴿٦٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٥﴾ فِيْهِمَا

انڪار ڪندؤ. ٻئي ساوا ڇهڄ. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻنهي ۾

پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ ٻئي ڏاڍا ساوا ڇهڄ آهن. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟

عَيْنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ ﴿٦٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٧﴾ فِيْهِمَا فَاكِهَةٌ

ٻه چشما آهن ڦوهارا هڻندڙ. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٻنهي ۾ ميوا

انهن ٻنهي (باغن) ۾ ڦوهاري وانگر جوش سان پاڻي نڪرڻ وارا ٻه چشما هوندا. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟

وَّنَخْلٌ وَّرُمَّانٌ ﴿٦٨﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٩﴾ فِيْهِنَّ خَيْرٰتٌ

۽ ڪجيون ۽ ڏاڙهون آهن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ۽ انهن ۾ سگهوريون

انهن ٻنهي باغن ۾ (هر جنس جو) ميوو ۽ ڪجيون ۽ ڏاڙهون هوندا. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ انهن (باغن)

حِسَانٌ ﴿٧٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧١﴾ حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِى الْخِيَامِ ﴿٧٢﴾

سهڻيون آهن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. حورون پردي واريون تنبن ۾ هونديون

۽ سگھڙيون سهڻيون زالون هونديون. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ حورون تنبن منجهه پرده نشين هونديون.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٣﴾ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. نه هٿ لاتو تن کي ڪنهن ماڻهوءَ انهن کان اڳ ۾ ۽

پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ انهن کي انهن (بهشتين) کان اڳ نڪي ڪنهين ماڻهوءَ ۽

لَا جَآنٌّ ﴿٧٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٥﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى رَفْرَفٍ

نڪي جن. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ٽيڪ ڏيندڙ هوندا وهاڻن

نڪي ڪنهين جن ڇهيو آهي. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ ساون وهاڻن ۽

خُضْرٍ وَّ عَبْقَرِيٍّ حِسَانٍ ﴿٧٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٧﴾

ساون تي ۽ پٽرڻين سهڻين تي. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

سهڻن غاليچن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا. پوءِ (اي جنو ۽ انسانو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟

تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِى الْجَلٰلِ وَ الْاِكْرَامِ ﴿٧٨﴾ ع

برڪت وارو نالو آهي تنهنجي پالڻهار وڏائي ۽ عزت ڏيڻ واري جو.

تنهنجي پالڻهار عزت واري ۽ نعمتن واري جو نالو وڏي برڪت وارو آهي.

سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٩٦ رُكُوْعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١﴾ لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ﴿٢﴾ خَافِضَةٌ رَّافِعَةٌ ﴿٣﴾

جڏهن ٿي پوندو واقعو، ناهي ان جي ٿيڻ ۾ ڪوڪوڙ. اهو لاهيندڙ چاڙهيندڙ هوندو.

جڏهن قيامت ايندي. جنهن جي اچڻ ۾ ڪو ڪوڙ نه آهي. (ڪن کي) جهڪي ڪرڻ واري ۽ (ڪن کي) مٿاهين ڪرڻ واري.

اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ رَجًّا ﴿٤﴾ وَّ بُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ﴿٥﴾ فَكَانَتْ هَبَآءً

جڏهن ڌوڏي ويندي زمين ڏاڍو ڌوڏڻ. ۽ پوريا ويندا جبل پورپور ڪري، پوءِ ٿي ويندا ذرَ

جڏهن زمين سخت ڌوڏ ي(سان) ڌوڏبي، ۽ جبل پوريءَ طرح پيچي پورا ڪيا ويندا. پوءِ اڏاريل دز وانگر ٿيندا.

مُّنْۢبَثًّا ﴿٦﴾ وَّ كُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ﴿٧﴾ فَاَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۙ۬ مَآ اَصْحٰبُ

اڏاريل. ۽ توهان هوندؤ قسم ٽي، پوءِ ساڄي طرف وارا ڇا ڇئجن ساڄي

۽ اوهين ٽنهن ٽي ٽوليون ٿيندؤ. پوءِ (هڪڙا نيڪ بخت) سڄي پاسي وارا. سڄي پاسي وارا ڪهڙا نه چڱي حال هوندا.

الْمَيْمَنَةِ ﴿٨﴾ وَاَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ﴿٩﴾ وَالسّٰبِقُوْنَ
طرف وارا. ۽ کاٻي طرف وارا کهڙا آهن کاٻي وارا. ۽ اڳرائي ڪندڙ
۽ (ٻيا بدبخت) کاٻي پاسي وارا، کاٻي پاسي وارا ڪهڙا نہ بدحال هوندا. ۽ (نيڪين ۾) اڳرائي ڪرڻ وارا

السّٰبِقُوْنَ ﴿١٠﴾ اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿١١﴾ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿١٢﴾ ثُلَّةٌ مِّنَ
سي اڳرائي وارا. اهي آهن ويجها. هوندا باغن نعمت وارن ۾. گهڻا
(تہ نيڪ) اڳرائي وارا آهن. اهي (ئي) مقرب آهن. نعمتن وارن باغن ۾ هوندا. گهڻا پهرين مان.

الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣﴾ وَقَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٤﴾ عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ ﴿١٥﴾ مُّتَّكِـِٕيْنَ
اڳين مان. ۽ ٿورا پوين مان. هوندا پلنگن سوني واڻ وارن تي. ٽيڪ ڏئي ويهندڙ
۽ ٿورا پوين مان. (سون سان) واڻيل پلنگن تي. هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي مٿن ٽيڪ

عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ ﴿١٦﴾ يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ﴿١٧﴾ بِاَكْوَابٍ
انهن تي هڪٻئي سامهون. ڦيرائيندا انهن تي خادم سدائين رهيل. پيالن
ڏيئي ويٺل هوندا. هميشه (نئين نندي) رهڻ وارا نينگر وٽن پيا ڦرندا رهندا. پيالن ۽ جڳن سان ۽ وهندڙ

وَّاَبَارِيْقَ ۙ وَكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ﴿١٨﴾ لَّا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَلَا يُنْزِفُوْنَ ﴿١٩﴾
۽ صراحين ۽ گلاس ڪي پريل صاف چشمي مان. نہ مٿي ۾ سور پوندن ان کان ۽ نہ نشو ٿيندن.
شراب مان (پريل) گلاسن (سان). (اهڙو صاف) جنهن کان نڪي مٿي ۾ سور پوندن ۽ نڪي بيهوش ٿيندا.

وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَلَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢١﴾ وَ
۽ ميوو جنهن مان چونڊي ڪڻن، ۽ گوشت پکيءَ جو جنهن مان چاهين. ۽
۽ (پڻ هر جنس جو) ميوو جنهن (جنس) مان پسند ڪندا (تنهن مان پيا آڻيندن). ۽ پکين جو گوشت جنهن قسم مان (پاڻ) گهرندا (تنهن سان نينگر

حُوْرٌ عِيْنٌ ﴿٢٢﴾ كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ ﴿٢٣﴾ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا
حورون سهڻيون جهڙا موتي لڪايل. اهو بدلو آهي سندن
سدائين مٿن پيا ايندا ويندا). ۽ وڏين اکين واريون حورون. ڄڻڪ ڍڪيل موتين جهڙيون. جيڪي ڪمايو هيائون تنهن جي بدلي ۾ (اهو ڏنو).

يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا تَاْثِيْمًا ﴿٢٥﴾ اِلَّا قِيْلًا سَلٰمًا
عملن جو. نہ ٻڌندا اتي بڪواس ۽ نہ ڏوهہ ڏيڻ. پر چوڻ سلام
اتي نہ ڪا اجائي بڪ، نہ ڪا گناه جهڙي ڳالهہ ٻڌندا. پر (هي ٻڌندا جو) هرڪو سلام سلام پيو چوندو.

سَلٰمًا ﴿٢٦﴾ وَاَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ﴿٢٧﴾ فِيْ سِدْرٍ
سلام. ۽ ساڄي پاسي وارا، ڇا چئجن ساڄي وارا. هوندا لاسڙ
۽ ساڄي پاسي وارا، ساڄي پاسي وارا ڪهڙي حال هوندا. لاسڙين (بنا ڪنڊي) ٻيرين ۾.

مَّخْضُوْدٍ ﴿٢٨﴾ وَّطَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ ﴿٢٩﴾ وَّظِلٍّ مَّمْدُوْدٍ ﴿٣٠﴾ وَّمَآءٍ مَّسْكُوْبٍ ﴿٣١﴾

پيرن ۾ ۽ ڪيوڙن جي چڱن ۾ ۽ ڇانوَ ڊگهن ۾ ۽ پاڻي وهايل ۾

۽ پريل ڦردار ڪيوڙن (جي وڻن) ۾. ۽ ڊگهن ڇانوَ ۾. ۽ (هيٺ) ڪرندڙ پاڻيءَ ۾.

وَّفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ ﴿٣٢﴾ لَّا مَقْطُوْعَةٍ وَّلَا مَمْنُوْعَةٍ ﴿٣٣﴾ وَّفُرُشٍ مَّرْفُوْعَةٍ ﴿٣٤﴾

۽ ميون گهڻن ۾ نه اڪلندڙ ۽ نه رڪيل ۽ بسترن مٿاهين تي

۽ گهڻن ميون ۾. (جو) نڪي کٽندا ۽ نڪي (ڪاڻن) جهلبا. ۽ مٿاهان وڇاڻا (جن تي هو هوندا).

اِنَّآ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً ﴿٣٥﴾ فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا ﴿٣٦﴾ عُرُبًا اَتْرَابًا ﴿٣٧﴾

بيشڪ اسان پاليون آهن اهي چڱيءَ طرح پوءِ ڪيون اٿئون اهي ڪنواريون پياريون هڪ جيڏيون

بيشڪ اسان انهن (حورن) کي هڪ (خاص) نموني تي پيدا ڪيو آهي. پوءِ ڪين ڪنواريون بڻايوسون. مڙسن کي وڻندڙيون هڪ جيڏيون.

لِّاَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٣٨﴾ ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٩﴾ وَثُلَّةٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ﴿٤٠﴾ ع ١ ٢ ١٤

ساڄي پاسي وارن لاءِ گهڻا آهن اڳين مان ۽ گهڻا آهن پوين مان

(نيڪ بختن) ساڄي پاسي وارن لاءِ. گهڻي جماعت پهرين مان. ۽ گهڻي جماعت پوين مان.

وَاَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ ﴿٤١﴾ فِيْ سَمُوْمٍ وَّحَمِيْمٍ ﴿٤٢﴾

۽ کاٻي وارا ڪهڙا آهن کاٻي وارا هوندا گرم هوا ۽ ٽهڪندڙ پاڻي ۾

۽ کاٻي پاسي وارا، کاٻي پاسي وارا ڪهڙا ته بد حال هوندا!. ڪوسي جهولي ۽ تتي پاڻيءَ ۾ هوندا.

وَّظِلٍّ مِّنْ يَّحْمُوْمٍ ﴿٤٣﴾ لَّا بَارِدٍ وَّلَا كَرِيْمٍ ﴿٤٤﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ

۽ ڇانوَ ڪاري دونهين جي ۾ نه ٿڌو ۽ نه موافق بيشڪ اهي هئا انهيءَ

۽ (اهڙي) ڪاري دونهين جي ڇانوَ ۾ رهندا. (جو) نڪي ٿڌو هوندو ۽ نڪي وڻندڙ. بيشڪ اهي

ذٰلِكَ مُتْرَفِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَكَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ الْعَظِيْمِ ﴿٤٦﴾

کان اڳ عياش ۽ اهي ضد ڪندا هئا گناهه وڏي تي

هن کان اڳ (دنيا ۾) سک ۾ پليل هئا. ۽ وڏي گناهه (يعني شرڪ) تي ضد ڪندا هئا.

وَكَانُوْا يَقُوْلُوْنَ ۙ اَئِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا

۽ چوندا هئا ڇا جڏهن اسان مرنداسون ۽ ٿي پونداسون مٽي ۽ هڏا ڇا تڏهن اسان

۽ چوندا هئا ته جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) اسين وري (قبرن مان)

لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿٤٧﴾ اَوَاٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ اِنَّ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ ﴿٤٩﴾

اٿاريا ويندا سون؟ ڇا ۽ اسان جا ابا ڏاڏا اڳيان. تون چؤ بيشڪ اڳيان ۽ پويان.

اٿاريا ويندا سون ڇا؟ يا اسان جا پهريان پيءُ ڏاڏا (به اٿاريا ڇا)؟ (اي پيغمبر!) چئو ته بيشڪ اڳيان پويان.

لَمَجْمُوْعُوْنَ ۙ اِلٰى مِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٥٠﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ اَيُّهَا

گڏ ڪيل ٿيندا. وقت ڏينهن جاتل تي. پوءِ بيشڪ توهان اي

هڪ مقرر ڪيل ڏينهن جي وقت تي ضرور گڏ ڪيا ويندا. وري بيشڪ اوهين اي گمراهؤ.

الضَّآلُّوْنَ الْمُكَذِّبُوْنَ ۙ ﴿٥١﴾ لَاٰكِلُوْنَ مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ ﴿٥٢﴾ فَمَالِـُٔوْنَ

گمراهو! ڪوڙو ڪندڙؤ. ضرور کائيندؤ وڻ ٿوهر جي مان. پوءِ ڀريندؤ

ڪوڙ ڀائيندڙؤ! ضرور اوهين ٿوهر جي وڻ مان کائيندؤ. پوءِ منجهانئس پيٽن کي ڀريندؤ.

مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَشٰرِبُوْنَ عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ ﴿٥٤﴾ فَشٰرِبُوْنَ

انهيءَ مان ڍڍن کي. پوءِ پيئندؤ مٿانئس ٽهڪندڙ پاڻي. پوءِ پيئندؤ

پوءِ مٿانئس ٽتل پاڻيءَ مان پيئندؤ. پوءِ اڃايل اٺن جي پيئڻ وانگر پيئندؤ.

شُرْبَ الْهِيْمِ ﴿٥٥﴾ هٰذَا نُزُلُهُمْ يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿٥٦﴾ نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ

پيئڻ اُڃيءَ ورتل اُٺن وانگر. هيءَ آهي سندس مهماني ڏينهن قيامت جي. اسان پيدا ڪيو توهان کي

قيامت جي ڏينهن اها سندن مهماني آهي. اسان اوهان کي پيدا ڪيو، پوءِ (وري جيارڻ کي)

فَلَوْلَا تُصَدِّقُوْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تُمْنُوْنَ ﴿٥٨﴾ ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗٓ

پوءِ ڇو نه ٿا ويساهه ڪريو. ڀلا ڏٺايو ته اهو قطرو جو اڇليو ٿا. ڇا توهان پيدا ڪريو ٿا ان کي

ڇو نه سچ ڀائيندا آهيو؟ ڀلا ڏسو ته سهي ته جيڪو ٽيپو (زالن جي ڳڀڻين ۾) ڪيرائيندا آهيو. تنهن کي اوهين خلقيو ٿا ڇا؟

اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَمَا نَحْنُ

يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون. اسان مقرر ڪيو آهي اوهان جي وچ ۾ موت کي ۽ نه آهيون اسين

يا اسين خلقڻ وارا آهيون؟ اسان اوهان ۾ موت (اندازي سان) مقرر ڪيو آهي ۽ اسين عاجز نه آهيون.

بِمَسْبُوْقِيْنَ ۙ ﴿٦٠﴾ عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ فِيْ مَا

عاجز ڪيل. هن ڪان جو بدلائي آڻيون توهان جهڙن کي ۽ ٺاهيون توهان کي ان (صورت) ۾ جو

(ٻين) اوهان جهڙن جي مٽائي آڻڻ تي ۽ اوهان کي اهڙي (شڪل) ۾ پيدا ڪريون، جنهن کي

لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٢﴾

توهان نه ٿا ڄاڻو. ۽ يقينن توهان ڄاتو آهي پيدائش پهرين کي پوءِ ڇو نه ٿا نصيحت وٺو.

ڄاڻندا ئي نه هجو. ۽ بيشڪ پهرين پيدائش ڄاڻي چڪؤ، پوءِ ڇو نه ٿا نصيحت وٺو؟

اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ ﴿٦٣﴾ ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ ﴿٦٤﴾

ڇا ڀلا ڏٺايو ته جيڪي توهان پوکيو ٿا ڇا توهان ان کي ڄمايو ٿا يا اسان ڄمائيندڙ آهيون.

ڏسو ته سهي جيڪي اوهين پوکيندا آهيو، سو اوهين ڄمائيندا آهيو ڇا؟ يا اسين ڄمائيندا آهيون؟

لَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنٰهُ حُطَامًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ ﴿٦٥﴾ اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ ﴿٦٦﴾
جي اسين گھرون تہ ڪري ڇڏيون ان کي لتاڙيل گاهہ پوءِ توهان ويٺا قصا ڪريو. تہ اسان تي چٽي پئجي وئي.
جيڪڏهن گھرون تہ ان کي ناس ڪري ڇڏيون، پوءِ اوهين عجب ۾ رهجي وڃو. (۽ پيا چئو) تہ بيشڪ اسين ٽوٽي ۾ پوڻ وارا آهيون.

بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٦٧﴾ اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ ﴿٦٨﴾ ءَاَنْتُمْ
بلڪ اسين بدبخت ٿياسون. ڇا ڀلا ڏٺايو تہ اهو پاڻي جنهن کي پيئو ٿا. ڇا توهان
بلڪ اسين بي نصيب آهيون. ڀلا ڏسو تہ سهي تہ جيڪو پاڻي پيئندا آهيو. اهو اوهين

اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ ﴿٦٩﴾ لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنٰهُ
وسايو آهي ان کي ٻادل مان يا اسين وسائيندڙ آهيون. جي اسان چاهيون تہ ڪري ڇڏيون ان کي
ڪڪرن مان هيٺ لاهيندا آهيو ڇا يا اسين هيٺ لاهيندا آهيون؟ جيڪڏهن گھرون تہ ان کي

اُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ اَفَرَءَيْتُمُ النَّارَ الَّتِيْ تُوْرُوْنَ ﴿٧١﴾ ءَاَنْتُمْ
کارو پاڻي پوءِ ڇو نہ ٿا ٿورو مڃيو. ڀلا ڏٺايو تہ اها باهہ جنهن کي اوهين ٻاريو ٿا. ڇا توهان
کارو ڪري ڇڏيون، پوءِ ڇو نہ شڪرانو ڪندا آهيو؟ ڀلا ڏسو تہ سهي تہ جا باهہ (وڻ جي ٽاريءَ مان) ٻاريندا آهيو.

اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَآ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِئُوْنَ ﴿٧٢﴾ نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً وَّ
پيدا ڪيو آهي انهيءَ جو وڻ يا اسان ڦٽائيندڙ آهيون. اسان ئي ڪيو آهي ان کي نصيحت لاءِ ۽
تهن جي وڻ کي اوهان پيدا ڪيو آهي، ڇا يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون؟ اسان اُن (وڻ) کي نصيحت وٺڻ لاءِ ۽ مسافرن جي فائدي لاءِ

مَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ ﴿٧٣﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِمَوٰقِعِ ع ٢ ١٥
سامان رڻ راهين لاءِ. پوءِ تون پاڪائي پڙهہ پنهنجي رب بزرگي واري جي نالي سان. مون کي قسم آهي ستارن جي
پيدا ڪيو آهي. تهن ڪري پنهنجي پالڻهار جي وڏي نالي کي پاڪائيءَ سان ياد ڪر. پوءِ تارن جي لهڻ جي جاين جو قسم کڻان ٿو.

النُّجُوْمِ ﴿٧٥﴾ وَاِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوْ تَعْلَمُوْنَ عَظِيْمٌ ﴿٧٦﴾ اِنَّهٗ لَقُرْاٰنٌ كَرِيْمٌ ﴿٧٧﴾
لهڻ جو. ۽ بيشڪ اهو قسم آهي جي توهان ڄاڻو تمام وڏو. بيشڪ هي آهي قرآن ڀلارو.
۽ جيڪڏهن ڄاڻو تہ بيشڪ اهو قسم وڏو آهي. بيشڪ اهو (ڪتاب) سڳورو قرآن آهي.

فِيْ كِتٰبٍ مَّكْنُوْنٍ ﴿٧٨﴾ لَّا يَمَسُّهٗٓ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ ﴿٧٩﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ
لڪيل آهي دفتر لڪيل ۾. جنهن کي نہ ٿا هٿ لائن مگر پاڪ. اهو لاٿل آهي جهانن جي
سانيل ڪتاب ۾ (لڪيل) آهي. پاڪائي وارن کان سواءِ ٻيو ڪو ان کي هٿ نہ لائيندو آهي. جهانن جي پالڻهار

الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اَفَبِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَنْتُمْ مُّدْهِنُوْنَ ﴿٨١﴾ وَتَجْعَلُوْنَ
پروردگار طرفان. ڇا پوءِ هن ڳالهہ (مڃڻ) ۾ توهان نرمي ٿا ڪريو. ۽ ٺهرايو ٿا
وٽان نازل ڪيل آهي. پوءِ اوهين هن ڳالهہ (جي مڃڻ) ۾ انڪار ڪرڻ وارا آهيو ڇا؟. ۽ اوهين (اُن مان) پنهنجو حصو

رِزْقَكُمْ اَنَّكُمْ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَلَوْلَآ اِذَا بَلَغَتِ الْحُلْقُوْمَ ﴿٨٣﴾ وَاَنْتُمْ

پنهنجو اهو نصيب ته توهان ان کي ڪوڙو ٿا چئو؟ پوءِ چو نه (موٽايو ٿا) جڏهن پهتو ساهه نڙيءَ تي، حالانڪ اوهان

(هيءُ) ٻڌائيندا آهيو جو اوهين (اُن کي) ڪوڙ ٿا پائيو. پوءِ جنهن مهل (ڪنهن جو) ساهه نڙگهٽ وٽ پهچي.

حِيْنَئِذٍ تَنْظُرُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْكُمْ وَلٰكِنْ

ان وقت پيا ڏسندا آهيو. ۽ اسان زور ويجها آهيون ان کي اوهان کان پر

۽ اوهين انهيءَ مهل پيا ٿا ڏسو. ۽ اسين اوهان جي به نسبت ڏانهس تمام ويجها آهيون.

لَّا تُبْصِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ فَلَوْلَآ اِنْ كُنْتُمْ غَيْرَ مَدِيْنِيْنَ ﴿٨٦﴾ تَرْجِعُوْنَهَآ

اوهين نه ڏسندا آهيو. پوءِ جيڪڏهن ناهيو ڪنهن جي قبضي ۾، ته چو نه ٿا موٽايو انهيءَ کي

پر اوهين نه ڏسندا آهيو. پوءِ جيڪڏهن (اوهين الله جي حڪم ۾) لاچار ٿيل نه آهيو.

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٨٧﴾ فَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٨٨﴾

جي سچا آهيو. پوءِ جي هوندو اهو پيارن مان.

ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته ان (روح) کي (چو نه ٿا) موٽايو؟ پر جيڪڏهن (مئل، الله جي) ويجهن ٻانهن

فَرَوْحٌ وَّرَيْحَانٌ ۙ وَّجَنَّتُ نَعِيْمٍ ﴿٨٩﴾ وَاَمَّآ اِنْ كَانَ

ته ان لاءِ آهي راحت ۽ روزي ۽ باغ نعمت وارو. ۽ جي هوندو اهو

مان هوندو. ته اُن لاءِ خوشي ۽ خوشبوءِ ۽ نعمتن وارو باغ آهي. ۽ جيڪڏهن

مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩٠﴾ فَسَلٰمٌ لَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩١﴾

ساڄي وارن مان، پوءِ سلام آهي تو لاءِ ساڄي طرف وارن کان.

سڄي پاسي وارن مان هوندو. ته (چئبس اي ٻڌڻ وارا!) سڄي پاسي وارن مان، توکي سلامتي آهي.

وَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُكَذِّبِيْنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٩٢﴾

۽ جيڪڏهن آهي ڪوڙي ڪندڙن گمراهن مان،

۽ پر جيڪڏهن اهو ڪُوڙ پائيندڙن گمراهن مان هوندو.

فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٩٣﴾ وَّتَصْلِيَةُ جَحِيْمٍ ﴿٩٤﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ

پوءِ مهماني اٿن ٽهڪندڙ پاڻي جي، ۽ داخلا جهنم جي. بيشڪ اهو بيان اهوئي

ته (اُن لاءِ) تتل پاڻي مهماني آهي. ۽ (اُن کي) دوزخ ۾ گهڙڻ آهي. بيشڪ هيءُ خبر

حَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٩٥﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٩٦﴾

پڪو يقين آهي، پوءِ تون پاڪائي پڙهه پنهنجي رب بزرگي واري جي نالي سان.

پوري يقيني آهي. تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار وڏي جي نالي کي پاڪائيءَ سان ياد ڪر.

سُوْرَةُ الْحَدِيْدِ مَدَنِيَّةٌ　　بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ　　اٰيَاتُهَا ٢٩　رُكُوْعَاتُهَا ٤

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (١) لَهٗ مُلْكُ

پاڪائي بيان ڪئي الله جي هر شيءِ جا آسمانن ۽ ڌرتي ۾ آهي، ۽ اهوئي زبردست پڪي ڪم وارو آهي. انهيءَ لاءِ آهي بادشاهي

جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي.۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. آسمانن ۽ زمين جي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (٢) هُوَ

آسمانن ۽ زمين جي، اهو جياري ٿو ۽ ماري ٿو، ۽ اهوئي هر شيءِ تي وس وارو آهي. اهوئي

بادشاهي ان جي آهي. (اهو) جيئاريندو آهي ۽ ماريندو آهي، ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. اهو

الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (٣) هُوَ

پهريون ۽ پويون ۽ ظاهر ۽ ڳجهو آهي، ۽ اهوئي هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. اهوئي آهي

(سڀ ڪان) پهريون ۽(سڀ ڪان) پويون آهي ۽ (اهو) پڌرو ۽ (اهو) ڳجهو آهي، ۽ اهو سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى

جنهن خلقيو آسمانن ۽ ڌرتيءَ کي ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ ويٺو

(الله) اهو آهي جنهن آسمانن ۽زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو، وري عرش تي قائم ٿيو.

الْعَرْشِ ۭ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِي الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ

تخت تي، ڄاڻي ٿو جيڪي اندروڃي ٿو زمين ۾ ۽ جيڪي نڪري ٿو ان ڪان ۽ جيڪي لهي ٿو

جيڪي زمين ۾ گهڙندو آهي ۽ جيڪي منجهانئس نڪرندو آهي ۽ جيڪي آسمان مان لهندو آهي

مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا ۭ وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا

آسمان ڪان ۽ جيڪي چڙهي وڃي ٿو ان ۾، ۽ اهو گڏ آهي توهان سان جتي ڀ هجو، ۽ الله توهان

۽ جيڪي منجهس چڙهي ويندو آهي، سو (سڀ اهو) ڄاڻندڙ آهي ۽ جتي اوهين هجو اتي اهو اوهان سان گڏ آهي.۽

تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ (٤) لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ

جي عملن کي ڏسندڙ آهي. انهيءَ لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي، ۽ الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا

جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي آهي.۽ الله ڏانهن سڀ ڪم ورايا وڃن ٿا.

الْاُمُوْرُ (٥) يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ۭ وَهُوَ

سڀ ڪم. وجهي ٿو رات کي ڏينهن ۾ ۽ وجهي ٿو ڏينهن کي رات ۾، ۽ اهو

رات کي ڏينهن ۾ گهيڙيندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ گهيڙيندو آهي، ۽ اهو سينن وارو (ڳجهه)

عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٦﴾ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ
جاڻندڙ آهي سينن جي راز کي. ايمان آڻيو الله ۽ ان جي پيغمبر تي ۽ خرچ ڪريو ان مان ڪيائين توهان کي
جاڻندڙ آهي. الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ (مال جي موڙيءَ) مان (اوهين) خرچيو جنهن ۾

مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَاَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿٧﴾
نائب جنهن ۾. پوءِ جن ويساهه ڪيو توهان مان ۽ خرچ ڪيائون تن لاءِ ثواب وڏو آهي.
اوهان کي پِين جو وارث ڪيو اٿس. ۽ اوهان مان جن ايمان آندو ۽ (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪيو تن لاءِ وڏو اجر آهي.

وَمَا لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ وَ
۽ ڇا ٿيو آهي توهان کي ڇو نه ٿا ايمان آڻيو الله تي، هوڏانهن پيغمبر سڏي ٿو توهان کي ته ايمان آڻيو پنهنجي پالڻهار تي ۽
۽ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو الله تي ايمان نه ٿا آڻيو؟ حالانڪ پيغمبر اوهان کي سڏي ٿو ته اوهين پنهنجي پالڻهار تي ايمان آڻيو ۽

قَدْ اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨﴾ هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ عَلٰى
بيشڪ انهيءَ ورتو هو توهان کان وعدو جيڪڏهن آهيو يقين ڪندڙ. اهوئي آهي جو لاهي ٿو پنهنجي
بيشڪ الله اوهان کان انجام ورتو آهي، جيڪڏهن مڃڻ وارا آهيو. (الله) اُهو آهي، جيڪو پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي پڌريون آيتون

عَبْدِهٖۤ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ
ٻانهي تي آيتون پڌريون جيئن ڪڍي توهان کي اونداهين کان روشني ڏانهن، ۽ بيشڪ الله
نازل ڪندو آهي ته (ڪفر جي) اونداهين مان (اسلام جي) سوجهري ڏانهن اوهان کي ڪڍي، ۽ بيشڪ الله

بِكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩﴾ وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ
توهان تي نرمي ڪندڙ مهربان آهي. ۽ ڇا ٿيو آهي توهان کي جو نه ٿا خرچ ڪريو الله جي راهه ۾ حالانڪ الله لاءِ آهي
اوهان تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي. ۽ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو الله جي واٽ ۾ نه خرچيندا آهيو؟ حالانڪ

مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ
ملڪيت آسمانن ۽ زمين جي، نه مٽ ٿيندو توهان مان ان سان جنهن خرچ ڪيو اڳي
آسمانن ۽ زمين جي ميراث خاص الله جي آهي. جنهن (مڪي جي) فتح کان اڳ خرچ ڪيو ۽ (الله جي دين لاءِ ڪافرن سان) وڙهيو، تنهن جي برابر اوهان

الْفَتْحِ وَقٰتَلَ ؕ اُولٰٓئِكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ
فتح کان ۽ لڙائي ڪئي، اهي تمام وڏا آهن مرتبي ۾ انهن کان جن خرچ ڪيو ان کان پوءِ
مان ڪوبه ڪونهي، اِهي انهن کان تمام وڏي مرتبي وارا آهن، جن (فتح کان) پوءِ خرچ ڪيو ۽ (دين لاءِ) وڙهيا.

ع ١٧ وَقٰتَلُوْا ؕ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١٠﴾
۽ لڙائي ڪئي، ۽ سڀني سان وعدو ڪيو آهي الله ڀلائيءَ جو، ۽ الله توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي.
۽ هر هڪ کي الله چڱو انجام ڏنو آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله (پوري) خبر رکندڙ آهي.

مَنْ ذَا الَّذِىْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗ وَلَهٗٓ

ڪير آهي اهو جو رکت ڪري الله تي قرض چڱي جي پوءِ اهو ٻيڻا ڪري ڏئي ان ڪي ۽ ان لاءِ آهي

اهو ڪير آهي جو الله کي چڱو قرض ڏئي؟ پوءِ (الله) اهو (قرض) ان کي ٻيڻو ڪري ڏيندو ۽ ان لاءِ

اَجْرٌ كَرِيْمٌ ﴿١١﴾ يَوْمَ تَرَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ يَسْعٰى نُوْرُهُمْ بَيْنَ

اجر ڀلو. جنهن ڏينهن ڏسندين مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي ته ڊوڙندو نور انهن جو انهن جي

سڳورو اجر آهي. (ياد ڪر!) جنهن ڏينهن مومنن ۽ مومنياڻين کي (هن حالت ۾) ڏسندين جو سندن نور انهن جي اڳيان

اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ بُشْرٰىكُمُ الْيَوْمَ جَنّٰتٌ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا

اڳيان ۽ انهن جي ساڄي ڪان مبارڪ توهان جي اڄ اهي باغ آهن جو وهن ٿيون انهن جي هيٺان

۽ انهن جي سڄن پاسن کان پيو ڊوڙندو. (چئبن) ته اوهان کي خوشبري هجي. جو اڄ اوهان لاءِ اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان

الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٢﴾ يَوْمَ يَقُوْلُ

واهيون هميشه رهندڙ انهن ۾. اجهو اها آهي ڪاميابي وڏي. تنهن ڏينهن چوندا

نهرون پيون وهن. اُتي سدائين رهندَو. اِها ئي وڏي ڪاميابي آهي. جنهن ڏينهن منافق ۽ منافقياڻيون

الْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ مِنْ نُّوْرِكُمْ ۚ

منافق مرد ۽ منافق عورتون مؤمنن کي نهاريو اسان ڏي ته سوجهرو وٺون توهان جي نور مان.

(گڏجي) مومنن کي چوندا ته اسان ڏانهن (مهربانيءَ جي نظر سان) نهاريو (ته سهي) ته اوهان جي (ايماني) نور مان (ڪجهه) روشني وٺون.

قِيْلَ ارْجِعُوْا وَرَآءَكُمْ فَالْتَمِسُوْا نُوْرًا ؕ فَضُرِبَ بَيْنَهُمْ بِسُوْرٍ لَّهٗ

چيو ويندن موٽو پوئتي پوءِ ڳولي اچو نور کي، پوءِ هڻي ويندي انهن جي وچ ۾ ڀت جنهن کي

چيو ويندو ته اوهين پنهنجي پٺ تي (دنيا ڏانهن) موٽو پوءِ ڪو سوجهرو ڳوليو پوءِ سندن وچ ۾ هڪ اهڙي ڀت هڻي ويندي جنهن کي

بَابٌ ؕ بَاطِنُهٗ فِيْهِ الرَّحْمَةُ وَظَاهِرُهٗ مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ ﴿١٣﴾ ؕ

در هوندو. ان ۾ اندران هوندي رحمت ۽ ان جي ٻاهرين پاسي هوندو عذاب.

هڪ دروازو هوندو اُن (ڀت) جي اندران رحمت هوندي ۽ اُن (ڀت) جي ٻاهران سامهون عذاب هوندو.

يُنَادُوْنَهُمْ اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنَّكُمْ فَتَنْتُمْ اَنْفُسَكُمْ

اهي سڏيندا انهن کي ته ڇا نه هئاسون توهان سان گڏ، چوندا هائو پر توهان تباهه ڪيو پاڻ کي

منافق مسلمانن کي سڏيندا ۽ چوندا ته اسين اوهان سان (دنيا ۾) گڏ نه هياسون ڇا؟ (مسلمان) چوندا ته هائو، پر پنهنجو پاڻ کي ڇتيءَ ۾ وڌو

وَتَرَبَّصْتُمْ وَارْتَبْتُمْ وَغَرَّتْكُمُ الْاَمَانِىُّ حَتّٰى جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ وَ

۽ توهان تاڙيو پئي ۽ شڪ پئي ڪيو ۽ ڌوڪو ڏنو توهان کي سڌن نيٺ آيو امر الله جو ۽

۽ (ايمان آڻڻ ۾) دير ڪندا رهيؤ ۽ (نبوت ۾) شڪ آڻيندا رهيؤ ۽ اوهان کي سڌن ٺڳي ڇڏيو، تان جو الله جو حڪم آيو ۽

غَرَّكُم بِاللَّهِ الْغَرُورُ ﴿١٤﴾ فَالْيَوْمَ لَا يُؤْخَذُ مِنكُمْ فِدْيَةٌ وَلَا مِنَ

ٺوڪوڏنو توهان کي الله کان ٺوڪي باز. پوءِ اڄ نه ورتو ويندو توهان کان ڪو عوض ۽ نڪي

اوهان کي الله (جي حڪم ميڻ) کان (شيطان) ٺڳيندڙ ٺڳي ڇڏيو. تنهن ڪري (اي منافقو!) اڄ نڪي اوهان کان ۽ نڪي

الَّذِينَ كَفَرُوا ۚ مَأْوَاكُمُ النَّارُ ۖ هِيَ مَوْلَاكُمْ ۖ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ ﴿١٥﴾

ڪافرن کان. توهان جي جاءِ باهه آهي. اهائي اوهان جي لائق آهي. ۽ بڇڙي آهي اها جاءِ

ڪافرن کان ڪو بدلو وٺبو اوهان جي جاءِ (دوزخ جي) باهه آهي، اها اوهان جي لائق آهي. ۽ اِها موٽڻ جي جاءِ بڇڙي آهي.

أَلَمْ يَأْنِ لِلَّذِينَ آمَنُوا أَن تَخْشَعَ قُلُوبُهُمْ لِذِكْرِ اللَّهِ وَمَا نَزَلَ

ڇا نه آيو آهي وقت مؤمنن لاءِ ته جهڪي پون دليون انهن جون الله جي ياد لاءِ ۽ جيڪي نازل ٿيو

ڇا مؤمنن لاءِ اهو وقت نه آيو آهي ڇا؟ جو الله جي ياد ڪرڻ وقت ۽ وحيءَ الاهيءَ مان جيڪي نازل ٿيو تنهن (جي ياد) آڻڻ وقت

مِنَ الْحَقِّ ۙ وَلَا يَكُونُوا كَالَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ مِن قَبْلُ فَطَالَ

الله کان ۽ ته نه ٿين انهن جهڙا جن کي مليو هو ڪتاب اڳ ۾ پوءِ ڊگهو گذريو

سندن دليون آزي ڪن ۽ اُنهن وانگر نه ٿين جن کي (هن کان) اڳ ڪتاب ڏنو ويو پوءِ مٿن ڊگهي

عَلَيْهِمُ الْأَمَدُ فَقَسَتْ قُلُوبُهُمْ ۖ وَكَثِيرٌ مِّنْهُمْ فَاسِقُونَ ﴿١٦﴾ اعْلَمُوا أَنَّ

انهن تي وقت پوءِ سخت ٿي ويون دليون انهن جون، ۽ گهڻائي انهن مان دين مان خارج آهن. ڄاڻو ته بيشڪ

مدت گذري، تنهن ڪري سندن دليون سخت ٿي ويون، ۽ منجهانئن گهڻا بي دين آهن. ڄاڻو ته الله زمين کي سندس

اللَّهَ يُحْيِي الْأَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۚ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْآيَاتِ لَعَلَّكُمْ

الله آباد ڪندو آهي زمين کي ان جي غيرآبادي کان پوءِ، اسان صاف پڌايون آهن توهان کي آيتون ته مَنَ

ويرانيءَ کان پوءِ آباد ڪندو آهي. بيشڪ اسان اوهان لاءِ چٽيون نشانيون بيان ڪيون آهن ته مَنَ اوهين پرجهو (سمجهو).

تَعْقِلُونَ ﴿١٧﴾ إِنَّ الْمُصَّدِّقِينَ وَالْمُصَّدِّقَاتِ وَأَقْرَضُوا اللَّهَ قَرْضًا

سمجهو. يقينن خير ڏيندڙ مرد ۽ خير ڏيندڙ عورتون ۽ جن قرض ڏنو الله کي قرض

بيشڪ خيرات ڏيندڙن ۽ خيرات ڏيندڙين کي ۽ جن الله کي سهڻو قرض ڏنو آهي.

حَسَنًا يُضَاعَفُ لَهُمْ وَلَهُمْ أَجْرٌ كَرِيمٌ ﴿١٨﴾ وَالَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَ

سهڻو ٻيڻو ڏنو ويندو انهن کي ۽ انهن لاءِ آهي اجر پلو. ۽ جن ايمان آندو الله تي ۽

تن کي ٻيڻو ڪري ڏبو ۽ انهن لاءِ سڪورو اجر آهي. ۽ جن الله ۽ سندس پيغمبرن تي

رُسُلِهِ أُولَٰئِكَ هُمُ الصِّدِّيقُونَ ۖ وَالشُّهَدَاءُ عِندَ رَبِّهِمْ لَهُمْ

ان جي رسولن تي اُهي ئي آهن سچائي وارا. ۽ شاهد آهن پنهنجي رب وٽ، انهن لاءِ

ايمان آندو اهي ئي پنهنجي پالڻهار وٽ سچار ۽ شهيد آهن. انهن لاءِ

اَجْرُهُمْ وَنُوْرُهُمْ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ

سندن اجر ۽ سندن نور آهي، ۽ جن انڪار ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي اهي دوزخ

سندن اجر ۽ سندن نور آهي، ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو، اهي

الْجَحِيْمِ ﴿١٩﴾ اِعْلَمُوْٓا اَنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ وَّزِيْنَةٌ وَّ ع ١٨

وارا آهن. ڄاڻو ته دنيا جي حياتي رڳو راند آهي ۽ تماشو ۽ سينگار ۽

دوزخي آهن. ڄاڻو ته دنيا جي حياتي رڳو هڪ راند ۽ تماشو ۽ (ظاهري) سينگار ۽ پاڻ ۾ فخر ڪرڻ

تَفَاخُرٌۢ بَيْنَكُمْ وَتَكَاثُرٌ فِى الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ ؕ كَمَثَلِ غَيْثٍ

آڪڙ ڪرڻ هڪٻئي تي پاڻ ۾ ۽ گهڻائي ڏيکارڻ مال ۽ اولاد ۾، جيئن مثال مينهن جو

۽ مالن ۽ اولادن ۾ (هڪ ٻئي کان) گهڻائي طلبڻ آهي، (انهيءَ جو مثال) اُنهيءَ مينهن وانگر (آهي)

اَعْجَبَ الْكُفَّارَ نَبَاتُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَكُوْنُ حُطَامًا ؕ

جو وڻي ٿو ڪڙمين کي سلوان جو پوءِ اهو اپري ٿو پوءِ ڏسندين انکي هيڊو ٿيل ان کان پوءِ ٿي ويندو ڳتو.

جنهن جو سلو (ڄمائڻ) ڪڙمين کي عجب ۾ وجهي وري سُڪي وڃي، پوءِ ان کي پيلو ٿيل ڏسين وري ڀري وڃي.

وَفِى الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۙ وَّمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٌ ؕ وَ

۽ آخرت ۾ عذاب سخت آهي، ۽ بخشش الله جي ۽ رضامندي. ۽

۽ آخرت ۾ (الله جي دشمنن لاءِ) سخت عذاب آهي ۽ (الله جي دوستن لاءِ) الله کان بخشش ۽ رضامندي آهي. ۽

مَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ ﴿٢٠﴾ سَابِقُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ

ناهي حياتي دنيا جي پر سامان ڌوڪي جو. اڳرائي ڪريو بخشش ڏانهن پنهنجي

دنيا جي حياتي رڳو ٺڳيءَ جو سامان آهي. (تنهن ڪري) پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽ اُنهيءَ بهشت ڏانهن

رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ۙ اُعِدَّتْ

رب جي ۽ بهشت ڏانهن ويڪراڻ ان جي آهي جيئن ويڪراڻ آسمان ۽ زمين جي تيار ڪيل آهي

اڳرائي ڪريو جنهن جي ويڪرائي آسمان ۽ زمين جي ويڪرائيءَ وانگر آهي. انهن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

انهن لاءِ جن ايمان آندو الله تي ۽ ان جي پيغمبرن تي، اهو فضل الله جو آهي اهو ڏئي ٿو ان کي جنهن کي گهري.

جن الله ۽ سندس پيغمبرن تي ايمان آندو اِهو الله جو فضل آهي جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي.

وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢١﴾ مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِى

۽ الله فضل وڏي وارو آهي. نه ٿي پهچي ڪا مصيبت

۽ الله وڏي فضل وارو آهي. ۽ ڪابه مصيبت نڪي زمين ۾ نڪي اوهان جي جندن ۾ پهچندي آهي.

الْاَرْضِ وَلَا فِیْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِیْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَاؕ
زمين ۾ ۽ نکي توهان جي جندن ۾ مگر لکيل آهي ڪتاب ۾ هن کان اڳ جو پيدا ڪريون ان کي.
پر انهيءَ کان اڳ جو ان (مصيبت) کي پيدا ڪريون هڪ ڪتاب ۾ (لکيل) آهي. بيشڪ اهو (ڪر)

اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ یَسِیْرٌ ۚ﴿۲۲﴾ لِّكَیْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوْا
بيشڪ اهو الله تي آسان آهي. جيئن نہ غم ڪريو توهان ان تي جيڪي ويو توهان کان ۽ نہ ڦونڊ ڪريو
الله تي آسان آهي. هن ڪري (اها خبر ڏني اٿئون) تہ جيڪي اوهان جي هٿن مان ويو، تنهن تي ارمان نہ ڪريو ۽

بِمَآ اٰتٰىكُمْ ؕ وَاللّٰهُ لَا یُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرِ ۙ﴿۲۳﴾ الَّذِیْنَ یَبْخَلُوْنَ
ان تي جو ڏنائين توهان کي، ۽ الله نہ ٿو چاهي هر آڪڙ ڪندڙ وڏائي ڪندڙ کي. جيڪي پاڻ نہ ٿا ڏين
جيڪي اوهان کي عطا ڪيائين تنهن تي خوشي نہ ڪريو، ۽ الله سڀڪنهن هيلي پاڻ پڏائيندڙ کي دوست نہ رکندو آهي. (۽ اُنهن کي بہ دوست نہ رکندو آهي)

وَیَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ ؕ وَمَنْ یَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِیُّ
۽ ڏسين ٿا ماڻهن کي نہ ڏيڻ، ۽ جيڪو منهن موڙيندو پوءِ بيشڪ الله پاڻ بي پرواهہ
جيڪي بخل ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي بہ پيچائي ڏسيندا آهن، ۽ جيڪو منهن موڙيندو تہ بيشڪ الله ئي بي پرواهہ

الْحَمِیْدُ ﴿۲۴﴾ لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَیِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ
ساراهيل آهي. بيشڪ موڪلياسون پنهنجا پيغمبر معجزا ڏئي ۽ لاٿوسون انهن سان گڏ ڪتاب
ساراهيل آهي. بيشڪ پنهنجن پيغمبرن کي پڌرين نشانين سان موڪليوسون ۽ ساڻن ڪتاب ۽ (انصاف جي) تارازي

وَالْمِیْزَانَ لِیَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ وَاَنْزَلْنَا الْحَدِیْدَ فِیْهِ بَاْسٌ
۽ ترازي (عدل جي) جيئن قائم ڪن ماڻهو انصاف کي. ۽ لاٿوسون لوهہ کي ان ۾ آهي دٻدٻو
هن لاءِ موڪلي سون تہ ماڻهو انصاف کي قائم ڪن، ۽ لوهہ لاٿوسون جنهن ۾ سخت دٻدٻو آهي

شَدِیْدٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَلِیَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ یَّنْصُرُهٗ وَرُسُلَهٗ بِالْغَیْبِ ؕ
ڏاڍو ۽ فائدا ماڻهن لاءِ ۽ جيئن ظاهر ڪري الله تہ ڪير ٿو مدد ڪري الله جي ۽ ان جي رسولن جي پرپٺ.
۽ ماڻهن لاءِ بيا فائدا (بہ) آهن ۽ تہ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبرن کي پرپٺ مدد ڏئي، تنهن کي الله معلوم

اِنَّ اللّٰهَ قَوِیٌّ عَزِیْزٌ ﴿۲۵﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا وَّاِبْرٰهِیْمَ وَجَعَلْنَا فِیْ ع ٣ ١٩
يقينن الله طاقت وارو زبردست آهي. ۽ موڪليوسون نوح کي ۽ ابراهيم کي ۽ رکيوسون
ڪري. بيشڪ الله سگهارو زبردست آهي. ۽ بيشڪ نوح ۽ ابراهيم کي موڪليوسون ۽ سندن اولاد ۾

ذُرِّیَّتِهِمَا النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ ۚ وَكَثِیْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿۲۶﴾
انهن جي اولاد ۾ نبوت کي ۽ ڪتاب کي پوءِ انهن مان هدايت وارا آهن. ۽ گهڻا انهن مان نافرمان آهن.
پيغمبري ۽ ڪتاب (امانت) رکيوسون، پوءِ منجهائن ڪي هدايت وارا آهن، ۽ منجهائن گهڻا بي دين آهن.

ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا وَقَفَّيْنَا بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَاٰتَيْنٰهُ

وري موڪلياسون انهن جي پٺيان پنهنجا رسول ۽ پويان موڪليوسون عيسيٰ پٽ مريم کي ۽ ڏنوسون

وري سندن پٺيان پنهنجا (ٻيا) پيغمبر موڪلياسون ۽ پوئتان عيسيٰ پٽ مريم جي کي موڪليوسون ۽

الْاِنْجِيْلَ ۙ وَجَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ رَاْفَةً وَّرَحْمَةً ؕ

ان کي انجيل ۽ رکي سون انهن جي دلين ۾ جيڪي تابع ٿيا ان جا نرمي ۽ ٻاجھ.

کيس انجيل ڏنوسون. ۽ جن سندن تابعداري ڪئي تن جي دلين ۾ نرمي ۽ ٻاجھ رکي سون. ۽ اها گوشه نشيني

وَرَهْبَانِيَّةَ ِۨ ابْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا عَلَيْهِمْ اِلَّا ابْتِغَآءَ رِضْوَانِ

۽ گوشه نشيني جا پاڻ ٺاهيائون نه فرض ڪيو اسان انهيءَ کي انهن تي پر طلبڻ رضامندو

جا پاڻ ٺاهي هيائون. سا اسان مٿن فرض نه ڪئي هئي، پر الله جي رضامندي جي طلب لاءِ (پاڻ ٺاهي هيائون)

اللّٰهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ رِعَايَتِهَا ۚ فَاٰتَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ ۚ

الله جو پوءِ نه نباهيائون انکي حق انجي نباهڻ جو. پوءِ ڏنوسون انهنکي جن ايمان آندو انهن مان سندن اجورو.

پوءِ اُن جي نظرداريءَ جو پورو حق نظر نه رکيائون، پوءِ منجهانئن جن (محمد ﷺ تي) ايمان آندو تن کي سندن اجر ڏنوسون.

وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوْا

۽ گهڻا انهن مان نافرمان آهن. اي اهي جن ايمان آندو ڊڄو الله کان ۽ ايمان آڻيو

۽ منجهانئن گهڻا بي دين آهن. اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سندس پيغمبر (محمد ﷺ) تي ايمان آڻيو

بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ

سندس پيغمبر تي ته ڏئي اوهان کي ٻه ڀاڱا پنهنجي رحمت جا ۽ ڪري توهان لاءِ روشني جو هلو

ته اوهان کي پنهنجيءَ ٻاجھ مان ٻه ڀاڱا ڏئي ۽ اوهان کي اهڙو نور ڏئي جنهن سان (رستو) هلو

بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٨﴾ ۙلِّئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ

ان سان ۽ بخشي توهانکي، ۽ الله بخشڻهار رحم وارو آهي، ته جيئن نه سمجهن اهل ڪتاب

۽ اوهان کي بخشي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. هن ڪري (الله هيءَ خبر ڏني) ته اهل ڪتاب ڄاڻن ته

اَلَّا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ

ته اهي نه ٿا پهچن ڪنهن ۾ الله جي فضل کي ۽ بيشڪ ڀلائي الله جي

اهي الله جي فضل مان ڪنهن شيءِ تي سگھه رکي نه سگهندا آهن ۽ (هيءَ به ڄاڻن) ته فضل الله جي هٿ ۾ آهي،

اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ ع

هٿ آهي ڏئي ٿو ان کي جنهنکي گهري، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

